ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون

آتم ڪهاڻي

گوبند مالهي



ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون

آتم ڪهاڻي

گوبند مالهي

1987

عزيز ڪتاب گهر
ٽنڊو محمود سکر

سگند پبليڪيشنس : ڪتاب 26

(حق واسطا اداري وٽ محفوظ)

ڪتاب : ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون
ليکڪ : گوبند مالهي
ڇپائيندڙ : زيب سنڌي
ٻاران : سگند پبليڪيشنس، جناح باغ روڊ لاڙڪاڻو
ڇپيندڙ : احمد برادرس، ناظم آباد 2، ڪراچي.
ڪئليگرافي: مرزا ناشناهي
ڇاپو : پهريون - جولاءِ 1987ع (هند ۾)
ٻيون - آگسٽ ١٩٨٦ع (سنڌ ۾)
قيمت : 20-00

ملڻ جو هنڌ
سگند ڪتاب گهر
جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو سنڌ
فون : 61034

Galhyoon Munhijay Goth Joon
An Autobiography, by Goband Malhi
1st. Edition: Published by Suresh Puryani, for Sindhi Times Publication Ulhas nagar, India. July 1987.
2nd. Edition: Published by, Zeb Sindhi. for Sugand Publications Larkano Sindh, Pakistan August 1987.

● ڪتاب بابت ......

گوبند مالهي- هڪ شخص، هڪ تحريڪ، زماني جي هڪ تصوير- گوبند ماليءَ جي آتم-ڪٿا، هڪ شخص جي آتم-ڪهاڻي به آهي ته پاڻ سان گڏ هڪ تحريڪ/ادبي تحريڪ/سياسي تحريڪ جي ڪهاڻي به آهي ته پنهنجي زماني جي هڪ تصوير، هڪ چٽر، هڪ نقش به آهي، تاريخ به آهي.

هيو سانگ- چيني ياتريءَ جو ڀارت ياترا جي سفر جي ڪهاڻي، تنهن وقت جي ڀارت جي به ڪهاڻي آهي. **سفير البيروني**- جو سفر پنهنجي زماني جي تاريخ به آهي.

اهڙيءَ طرح گوبند ماليءَ جي آتم-ڪٿا سنڌ جي سنڌي ادب، سنڌي سياست (ترقي پسند) جي هڪ ڪهاڻي آهي- ان ڪري هيءَ آتم-ڪٿا اهم آهي.

هن آتم-ڪٿا ۾ ڪنهن هڪ شخص جو ڏک/سک، غم/خوشيون نه آهن پر سنڌي شخص، سنڌي اديب، سنڌي سياسي ڪم ڪندڙ جون خوشيون ۽ غم آهن، ڏک ۽ سک آهن- لاها-چاڙها آهن.

گوبند مالهي- رام پنجواڻي جيان هڪ اتهاسڪ لوڪ-ڪهاڻي آهي. پروفيسر رام پنجواڻي جو ناٽڪ ياد ڪندا ياد تو اچي- جڏهن اهو ٻار وڇڙو هليو تڏهن سندس ڳالهيون / ڪم ياد ڪنداسين- گوبند مالهيءَ جي وڃڻ بعد ياد ڪنداسين ته هن جو سنڌي ادبي تحريڪ ۾ ڪيڏو نه مکيه ۽ اهم رول/ پارٽ هو. اڄ هو اسان جي سامهون آهي- اسان جي وچ ۾ آهي-

تڏهين شايد اسان سندس اهڙي اهميت کي محسوس ڪري سگهون.

پر هن جي اهميت صدين تائين ياد رهندي.

سنڌ ۾ پهرين ترقي پسند ادبي تحريڪ جو باني- سنڌي ساهت سنگت جو باني- پهرين ترقي پسند رسالي "نئين دنيا" جو سمپادڪ، گوبند مالهي- سنڌ جي اڳين ٽهي ۽ نئين ٽهيءَ جي ليکڪن وچ هڪ پل، گوبند مالهي.

سنڌي تحريڪ جي ڪهر ساگر کي ولوڙڻ بعد نڪتل زهر جو پيئندڙ گوبند مالهي، دوستن جون ساراهون دوستن حوالي ڪري- دوستن جون گلائون، گهٽتائون- غير جوابداريون پنهنجي سر تي کڻي- زهر پيئڻ نه آهي ته ڇا آهي؟

اڄ ان، باني هوندي به عهدا ٻين جي حوالي ڪندڙ آهي- ۽ خادمي پنهنجي رکي.

ڙ اس "جڳهن جي هٿ ۾ ڏوني، اک مري سوني."
واري ڪار سندس سان آهي.

هيءَ ڪهاڻي اها آهي.

۽ هاڻ گوبند مالهيءَ جي آتم- ڪهاڻي جو هي ٻيو ڀاڱو آهي- ٻيا ڀاڱا وقت اپندي ظاهر ٿيندا رهندا- اس.

ناراڻ ڀارتي
مک، سمپادڪ
سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

١ مئي ١٩٨٧ع
٥٦، هيرا سوسائٽي
الهاسنگر - ٣

ليکڪ جي قلم مان ......

منهنجي الفاظن پوريءَ زندگيءَ ۾ اهو به اتفاق رهيو آهي ته منهنجي همعصر ليکڪن جي ڀيٽ ۾ مون لاءِ، منهنجي ساهتيه ۽ منهنجي ڪارنامن لاءِ گهڻي ۾ گهڻو لکيو ويو آهي. "ڪونج" طرفان شخصيت نمبر به نڪتو آهي ته مٿس پوءِ سنڌي ساهتيه اڪادمي طرفان سيمينار به ٿيو آهي. خود اُن موقعي تي شايع ٿيل "يادگار" ۾ به ڪيترن سڄڻن منهنجي شخصيت ۽ ڪارنامن کي ياد ڪيو آهي. اهو به اتفاق رهيو آهي ته مون پاڻ به پنهنجي ڪتابن جي مهاڳن ۾ ٻيءَ طرح پنهنجو پاڻ لاءِ لکيو پئي آهي.

سنڌو سنڌون ڪن خاص ليکن ۾ پنهنجي زندگيءَ خاص طور ننڍپڻ جي زندگيءَ ۽ اوائلي ساهتيڪ جيون لاءِ به پسمنظر طور گهڻو لکي چڪو آهيان. تازو "پساريل جيون" هفتيوار معرفت قسطن ۾ يادگيريون ايان ڪيم جي پوءِ ڪتابي صورت ۾ ظاهر ٿيون - "ٻهراڙين پيار ۽ پيون يادگيريون" عنوان سان.

پوءِ به منهنجي گوناگون زندگيءَ ڪسي سلسليوار ڇنڊ ڇاڻ جي خواهش ڪن اديب دوستن، خاص طور ناراڻ ڀارتيءَ وڌ ۾ وڌ ظاهر ڪئي. ناراڻ ڀارتي اُن راءِ جو آهي ته مان اڳ ۾ پنجاهه ورهين سنڌي ادب ۽ ادبي تحريڪ سان جڙيو رهيو آهيان، اُن ڪري منهنجي سوانح عمري سنڌي ادب ۽ سنڌي ادبي تحريڪ جي هڪ قسم جي تواريخ يا اُن مڪمل تواريخ جي

سهانڪ ٿي سگهيئي، ۽ شايد ان ڪري ئي هن منهنجي ان
ڪيءَ آمريڪا جو ناول لکڻ ڪيو آهي. ”ادب ۽ اديب“
”ادب ۽ اديب“ جا چار ڀاڱا هوندا. ”ڳالهيون منهنجي
ڳوٺ جون“ ”سنڌڙي منهنجي جنڊڙي“، ”نرواس ۾ آس“
۽ ”سفر هن سنسار جو“.

في الحال پيش آهي ”ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون.“ ڳوٺ ۽ ڳوٺاڻا، منهنجا نديڙا جا ساٿي ۽ سرتيون، اتفاق ۽ واقعا، زندگيءَ جو مفهوم ۽ ان جا موڙ، نديڙا جا سنسڪار ۽ سموري زندگيءَ جي پيڙهه جا پٿر. اهي هڪ انوکي سلسلي ۾ مون اهڙيءَ نموني پيش ڪيا آهن، هن جيون ڪٿا ۾.

ڏيرو، گدو، هيمون، ٻولو، لالو، سيد عارف شاهه ۽ بابا هريرام - اهي منهنجي جيون ۾ نه اچن ها ته منهنجي جيون جو رخ ئي ٻيو هجي ها، دادن منهنجي ٻيڙي نه هجي ها ته انهيءَ ۾ جيون جي ڪتاب ۾ جهڪي ڪي سگهيس، اهو سڀ ڪي نه سگهان ها.

مامو اوڌوارام ۽ ماناڻي ماءُ منهنجي زندگيءَ ۾ نه اچن ها ته زندگيءَ جي شڪل رخ ڪي اهم ۽ انسان کي اشرف المخلوقات صرف ڪتابي علم ڪري سمجهان ها، هندن کي مسلمانن کان متڀيد، سک ڌرم ۽ صوفي مت کان متاثر، سنتن درويشن جي سنڌڙي جي هڪ انمول مثالي ڳوٺ ۾ جيان ٻلڪان نه ها ته نه صوفي ٿيان ها ۽ نه انهيءَ هائي مارڪسواد جي رنگ ۾ رڱجان ها. طبقن جو تفاوت، اميري غريبيءَ جو فرق، خاص طور غريبيءَ جي لعنت ۽ ذلت کي ٻروڙڻ جا وجهه مون کي ملندي هوندي نه ملڻ، سرمائيداريءَ سان جو ظلم ٿيو، ڳڻيا سان جا زوري ٿي ۽ منهنجي زميندار سان جا ايڏو زور وراتي ٿي، ڇڏجي ڪٿي منهنجي نڪ سامهون. الله اڪبر ۽ ملي مونکي

استريءَ جو همدرد ۽ گهڻگهور ۽ ٻاٻو ۽ انهن چوڻ ۾ وڏاءُ نه آهي
نه زندگيءَ جا نيڪ مولهه، جن ناولن ٻارن ٻڌهڙي ڳوٺ اندر
آئي ٻرڇيا ۽ ٻرو ڙيا.

سنت ڪندو رام کي ٻالڪل ويجهائيءَ کان صرف هڪ ڏينهن
لاءِ ڏٺو، پر ته هن جي لهڻائيءَ، حليمائيءَ ۽ انسانيت جي
چاپ منهنجي من تي عمر ڀر رهي آهي. ماسٽر چندر جي
صحبت ۾ گهاريل گهڙيون ڀل مختصر رهيون هجن، ليڪي جيئڻيءَ
واري سوالي سنياسيءَ جو سنگ ڀل ان کان به گهٽ رهيو هجي،
پر ته هن ۽ ٻوهوءَ جي ٻاغ جي سنگت منهنجي روح
کي راڄ سان جا انوکي وچي اهڙي سا زندگيءَ جي هڪ
اهم ڪاري جي سر انجاميءَ لاءِ ڪارآمد ثابت ٿي. مهراج شڪر
سان گهرائي نه ٿي ها ته ماڻهو ٿي نه ٿيان ها!

خود منهنجي ٻنيءَ سان منهنجا ناتا عجيب ۽ غريب رهيا،
هن مونکي ايتري پيار ڏنو، جيتري ڪٺي ان پيار سان آزادگي ٻاٻو
۽ ان آزادگيءَ ۽ آزاد خياليءَ ۽ هن ۽ منهنجي وچ ۾ وڇوڙن
لوڙي عمل ۾ وڃڻ آندا. پوءِ به هن جي من لاءِ محبت ۽
منهنجي هن لاءِ عزت سلامت رهي.

"ٻهراڙن پيار ۽ ٻيون يادگيريون" ۽ هن ڪتاب ۾ ڪي
ڏهراءُ لازمي آهن جاڪاڻ ته ٻئي منهنجي زندگي جي حياتيءَ
جا عڪس آهن. پوءِ به مون ڪوشش ڪئي آهي ته هي جي
نرالپ ۽ الڳ الڳ اهميت برقرار رکڻ جي. جيئي ٻهراڙن ڪتاب
وشيه مطابق باب باب ۾ لکيل آهي تئي هنيءَ انوک سلسلي ۾
جڙيل ۽ ڳنڍيل آهي.

ٻهراڙين ڪتاب ۾ ڏيرو، گدو، هيمون، ٻالو، سرسوتي ۽ گنگا
عدم موجود آهن. ان ۾ ڪندو رام ۽ ماسٽر چندر جو ذڪر نه
ڪونهي. خود ٻهراڙين ڪتاب جي ڪردارن ۽ واقعن جي هن

ڪتاب ۾ اُٺار اولي ۽ اُستاتين ڪبل آهي جنتري ۽ جيستائين
ڳالهه جي سلسلي ۽ حقيقتن جي بيانهي ڪسي ارڏوار رکڻ الاءِ
بلڪل ضروري آهي ته ان ڪان اسان ڪي قدر گهٽ ڇڏڻ ائين
ڪتاب هڪ ٻئي ٻنهان ته اڳيان ٻڌڻ سان ڪردارن ۽ حقيقتن
۽ ان ڪان وڏيڪ مهدجي جيون جي مڪمل ڄاڻ ملي سگهي.
مون ڪوشش ڪئي آهي ٻڌهي ڪي هڪ ائين جو ٻوراڻو ٻدائڻ
جي ۽ جتي ٻهراءُ ن ڪتاب جيون جهانڪيون آهن، لئي هيءَ
ڪتاب مهدجي اسڪولي جيوت لائين زندگيءَ جو هڪ سلسليوار
باب آهي. هاڻ باب، اڳيان ٻي باب باقي آهن، لن ۾ ٻيو باب
”سندڙي مهدجي جندڙي“، مهدجي سند ۾ گهاريل زندگيءَ
جو بلڪل تيار آهي. ممڪن آهي، اهو ٻانڪن اڳيان جلد اچي.

بهرحال، هن ڪتاب معرفت هڪ دفعو وري آنءَ آنيدي
اڳيان آهيان؛ البت، نديءَ جي زندگيءَ جو هيءَ آنيدو وڏو
آهي ۽ ذري گهٽ آدم قد.

في الحال مونکي ايترو ئي چوڻو آهي ۽ بس.

گوبند مالهي

۷، راج ڪرڻ،
مهاتما گانڌي روڊ،
ڪانديولي، بمبئي، ۶۷.

● ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون

مونکي شيڪسپيئر جي ناٽڪن جي هيٺين سارن جاندار ڪردارن ۾ هئملٽ ئي سڀ کان وڌيڪ وڻندو آهي ۽ ان جو ڪارڻ شايد اهو ئي آهي ته هو ناٽڪ ۾ ۽ مان زندگيءَ ۾ - ٻئي ٻڏتر جا ٻار رهيا آهيون؛ ۽ شيڪسپيئر جو ئي ته قول آهي، "ناٽڪ زندگيءَ جي آرسي آهي."

ٻڏتر جي انوٽ زنجير جهڙيءَ زندگيءَ ۾ مونکي منهنجي ننڍپڻ ٻڏتر جي هيءَ ساڃهه آهي، گوٺورام جي مڙهيءَ ۾ هڪ سنياسي ٻانو آيو هو. امان پنهنجي منهنجي ڏاڏي مونکي ۽ مون کان ڏهه سال وڏيءَ ڀيڻ دادن کي وٺي هلي هن جي ستسنگ ۾. هن جيڪي ڪي چيو، ان مان ڪجهه ٿورو ته هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن مان نڪري ويو. پر جملا هن جي اندر ۾ اٽڪي پيا: "جانورن ۽ پکين ۾ به اسان مون جهڙو ساهه آهي؛ هنن کي نه ڪهو، نه کائو ... جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جهڙو ٻيو ڪو ڌرم ڪونهي." منهنجي ننڍڙي دماغ ۾ سوال اٿيو، "ويشنو ٿيان؟" ۽ ئي ڏينهن اهو سوال منهنجي من ۾ هر هر اڀرندو رهيو، "ويشنو ٿيان يا نه ٿيان؟" جواب دادن ڏنو ٽن ڏينهن کانپوءِ: "اڄ کان ماس مڇي کائڻ ڇڏي ڏيون." ۽ اٺ نو سال مان ويشنو رهيس.

منهنجي زندگيءَ جي ٻي ٻڏتر به گوٺورام جي مڙهيءَ سان جڙيل آهي، ستسنگ پوءِ. مان ڪجهه ٻارائو پڙهندو هوس. منهنجي

اسڪول ۽ گوتورام جي مڙهيءَ وچ ۾ هڪ رستو ۽ باغ هو، باغ ۾ گوتورام جو باغ سڏبو هو. اهو، باغ ڪڏهن رهيو هوندو، منهنجي ساٿين ۾ اچڻ لائق اهو پڙهانگ تي چڪو هو، ان جي ڪوه تي صبوح شام جو ئي ماڻهو ايندا ويندا هئا. مان پڙهڻ کان ڪتراڻي ڏيڙوءَ سان گڏ گوتورام جي مڙهيءَ ۾ هليو ويندو هوس، ڏيڙو ڪلاس مان ڀڄندو هو جو هن جي سامهون ٻگل هئي ۽ نئين نه وٺي اچڻ ڪري سائين عبدالله هڪي ايندو لسي ڀڄهاريندو هو. مان روز اسڪول کان نڪرڻ کان اڳ ٻاٻا کان پڇندو هوس، "اسڪول مان ڀڄان، نه ڀڄان؟" ڏيڙو موکي ٻانهن کان وٺي هليو هلندو هو ۽ اسين رستو پار ڪري پڙهانگ باغ لتاڙي گوتورام جي مڙهيءَ جي حاطي ۾ داخل ٿيندا هئاسين. اسين ڇڏن رانديون ڪري لڳندا هئاسين، ڪڏهن ڪڏهن گوهو اسڪول سامهون واري ڏامي مل جي دوڪان تان گلڻي ماري اسان سان گڏ اچي راند ڪندو هو.

هڪ ڏينهن ڏيڙوءَ موکي چيو، "هل ته ٻوٽ مان ٻڌي هلون؟"

مون ابوجهانيءَ سان پڇيو، "ڪيڏانهن ڀڄي هلون؟"

هن وراڻيو، "ڪيڏانهن به دنيا وڏي آهي، ڏاڍي."

دنيا ڇا آهي ۽ ڪيڏي وڏي آهي؟ اهي سوال منهنجي من ۾ نه اٿيا. ڏيڙو مون کان ٿي سال وڏو هو ۽ موکي هن جي هر ڳالهه تي اعتبار هو. منهنجي من ۾ اهو ئي سوال ٿيندا ٿيو، "ڀڄان، نه ڀڄان؟"

۽ جواب نه هن ڏنو نه مون ڏنو. هن جي ماءُ اڪثر هٿ ۾ جهلي اچي وٺي هئي ۽ هوءَ چوندي آئي هئي: "ماءُ جي مار کان ڪيڏانهن ڀڄي ڇٽندين؟"

ٻئي ڏينهن ڏيڙو اسڪول ۾ نه آيو. مون سمجهيو، سڏو

مڙهيءَ ۾ هلندو ويو هوندو. مڙهيءَ ۾ وڃي ڏسڻ آئي ته ڪونه هو. مون سوچيو: ڏاڏيءَ وٽيءَ دنيا ۾ اڪيلو ٿي هليو ويو هوندو. مان اڪيلو مڙهيءَ ۾ ويهي رهيس. ڪوبه آيو پر هن سان واند نه ڪيم. منهنجي من ۾ هڪ ٿي سوال ورِي ورِي اُڀري رهيو هو: هن کي ڳولهيان، نه ڳولهيان؟ اهو سوال سڄو وقت مون سان ساڻ رهيو. ٻئي ڏينهن بابا چيو، ”سڄو وقت اسڪول ۾ ويهندين ته ماستر عبدالله موڪل مهل لوڪي هڪ ٻاٽي ڏيندو.“ ورِي هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيئي چيو، ”لوڪي هر روز اسڪول ويٺو پوندو.“

ان طرح، فيصلا منهنجي مٿان مڙهيا ويا آهن. عمر ٻره هاڻ اهڙو ضرور ٿيو آهي يا مون ڪيو آهي ته هڪوار ڪنهن فيصلي تي مڙهجي وڃڻ ٻيا منهنجي طرفان قبولڻ بعد مون ان جي سر انجاميءَ لاءِ ايمانداريءَ سان ٻاڻ ٻٽي پتوڙيو آهي، مان اڪثر وسهندو آهيان ته ساميءَ جي هڪ سوني سٽ، ”اڻ گهريا ملن موتي، مانگي ملي نه ڀيک.“ منهنجي زندگيءَ جي سوڙي صدي ترجماني ٿي ڪري، ۽ منهنجي جيون ڪهاڻي لڳي ٿي اتفاقن جي ڪهاڻي رهي آهي، مدي کان وٺي، اتفاقن سان مون سان وڙ به ڪيا آهن ته وڙال به وهايا آهن عمر ...

انهن ڏينهن ۾ ٻانيءَ جي مُلهه ته ملهن جهڙو هو - ٻه پڪوڙا ملندا هئا، ٻه ٻورڙيون دال سان ملنديون هيون، البت نميڙيون مگر ذائقيدار ٻورڙيون، دل پڪڙا ٻيا نڪل ملندا هئا، چگي ٻزندي ملندي هئي. مان ٻانيءَ جي ملهه بابت سوچي ٿي رهيو هوس جو هيمون اسانجي گهر هليو آيو، هٿ ۾ ڪٺي آيو هو ڪاٺ جي ميت لڳل لٺڙي. چيائين، ”سوٽ، اڄ مان نه پڙهڻا هلندس.“

هيمون مون کان عمر ۾ ٿورو وڏو هو. هن ۽ منهنجو گهر

لاڳيتو هو، وچ ۾ اُن ڦوٽي ديوار هئي، هُو منهنجي پڙڏاڏي جي
ڀاءُ جو پڙپوٽو هو. هن جو پيءُ ڏنو، هن جو ڀاءُ نارو ۽ هن جا
سؤٽ مدن ۽ ڏنو - اهي ساڻوڻي سؤٽ آهي منهنجي ڏاڏاڻن ۾
منهنجا ويجهي ۾ ويجها مائٽ هئا. هيمونءَ سان منهنجو لڳاءُ
انڪري نه هو ته هُو منهنجو سؤٽ هو، پر انڪري جو هُو مون
سرتو هو مگر ڳالهائڻ خواه وڙهڻ ۾ هو وڏن سان ٺاهي ڪاٺيندو
هو. پاڙي ۾ سڀ ٺاپر ليڪر هئا ۽ اهي اسان ننڍڙن مٿان رعب
ڄمائيندا هئا. هيمون هنن کان پاڻ نه ٻچڻ رهندو هو، مونکي
نه ڇڏائي ويندو هو. لٺ سان ٻچندڙ ڇڪر هو. ۽ ڳالهيون نه
وڏن جهان ڪندو هو ۽ سڌ نه هر ڪنهن ڳالهه جي هيس، ڳوٺ
جي هر ڳالهه ڏنوءَ ٽاٽين پهچندي هئي ۽ ڏنو وري پنهنجي گهر
۾ ڪندو هو، مرچ مصالحي سان. هيمون ڳالهه جي ڳاٽي کان
مرچ مصالحو وڌيڪ جهٽيندو هو.

هيمون اسڪول ۾ ويهندو هو ۽ مونکي نه ويهاريندو هو ۽
موڪل مهل سائين عبدالله کان ملندڙ پائيءَ جو مال پٽي وٺندي
ورهائي کائيندا هئاسين. اسڪول بند، ڦونڊيون گهرن ۾ ڦٽيون
ڪريائي رول پنهنجي لي نڪرندا هئاسين، ۽ ان رول پنهنجي ۾ اسان
جو ٽيون ساٿي هو گدو. گدوءَ جا به وڏا ڀائر هئا. ڪونگو باغ ۾
ڪم ڪندو هو ۽ گيهي هيمونءَ ۽ مون کان هڪ درجو مٿي
پڙهندو هو. هُو اسانجي اوطاق جي نڪ سامهون واري ڪُڇهه جي
بلڪل لاڳيتو رهندا هئا، ڏاڏيءَ ۽ چاچيءَ سان. نورو وڏو ٿيڻ
کان سڌ پيم ته گهر اوٺي لاءِ چاچيءَ جي ناليءَ ۾ هو. باغ ۾
ڪونگوءَ جي ڪم ڪرڻ ڪري ٿڌي ڀاڄين کي رکي سگهي روزي
نصيب ٿيندي هئي. گدوءَ کي شوق هوندو هو طوطن ڦاسائڻ جو.
هيمون ۽ مان هن کي ان ۾ مدد ڪندا هئاسين، اسان ڪڏهن
به ڪڏهن هڪ طوطو ڦاسائيندا هئاسين گدوءَ سان پاڻ جي

جي ڳوٺ ۾ وڃي الله بخش کي اهي وڪڻندا هئاسين، طوطي جا ڏهه پيسا (اڄ جا پندرنهن نوان پيسا) ۽ طوطيءَ جا ڇهه پيسا ملندا هئا، پيسا گڏو ڪندو هو، مونديءَ اسانکي اسڪول جي راند جي ميدان تي دال ڇولا وٺي کارائيندو هو. اسان ته انهن ٻارنءَ ۾ پيسا گڏڻ کي ڏيندا هئاسين، ٻوءِ پتو پيو ته هو اهي پيسا پنڊاري ۾ وجهندو ويندو هو، پنهنجي ٻارن جي ڪپڙن ۽ ٻين ضرورتن لاءِ.

هڪ دفعي الله بخش چيو، "اڄ ڪلهه طوطن کي گهر ۾ رکڻ جو شوق گهٽجل آهي. طوطي جا ڇهه ۽ طوطيءَ جا چار ڏيندس."

گڏو پيسا وٺڻ وارو هو جو هيمونءَ هن جو هٿ روڪيو ۽ خدڪيءَ مان چيو، "بخشو، اسان گهٽ ملهه وٺڻ وارا نه آهيون، اهو نه وڻندو ته مولهڻ ۾ نبي بخش کي ڏيئي ايندا سين؛ هڪ نه ته ٻيو بخشو، اسان جو ڪم صحيح ملهه سان ..."

ان ڏينهن ته الله بخش پورا پيسا ڏنا، پر ٻئي ڏينهن ٻڌ ڪيئي پيو، هيمون وري ضد تي، هلياسين ڏهه ميل پنڌ ڪري مولهڻ ڏانهن. نبي بخش جي ٻولتي ته ساڳي الله بخش جهڙي. هڪ ڏينهن اندر هڪ بخشو ٻئي بخشو کي پٺي ٻڌائي آيو هو. ان ڏينهن اسان هڪ طوطو ۽ ٻه طوطيون ڦاسايون هيون.

هيمونءَ اسانکي ٻاسيرو وٺي چيو، "هڪ رات دم جهلي ويٺاسين ته سياڻي اسان وارو ملهه پنهنجي مان ڪونه ڏيندو."

مون ڏانهن منهن ڪري چيائين، "سوجهه، اچوڪي رات هڪ هڪ ٻکي نپٽي پنهنجي پنهنجي گهر تان ڪٽي هلون ..."

هن جملو ٻڌو ته نه ڪيو هر جو مونکي ڦقڙي وٺي وئي. امان (ڏاڏي) ۽ ٻابو مڃيندا نه ڪو. ٻانو ته هيڪاري وڙهندو. دادن ... ها، هن جي معرفت.

هيمونءَ جو آواز آيو، "سوجهه، هڪ رات جو ته سوال آهي. گڏڻ جو سڏائين الاءِ ٻاو ئي پوندو."

هڪ راند، گدڙ ۽ جو ٻلو، دادن جو آسرو ... منهنجي ٻنهي
مون کان صرف ڏهه سال وڏي هئي، پر هوءَ منهنجو سهارو
بڻي رهي، ماءُ جي مرڻ ويلا جي ته جهڙي سانڀر اٿم پر اهو
چڱيءَ ريت ياد اٿم ته دادن پنهنجا آهه روئي رهي هئي ۽
ٻانهن ۾ مونکي ٻوڪاٽي به رهي هئي. هوءَ منهنجي هر غلطي
پنهنجي ڪري، پنهنجا ڳالهاڻ سهندي هئي، مونکي بچائيندي
هئي؛ هوءَ منهنجو رڳو گهڻو ڪو پيءَ پاڻ کان لڪائي
رکندي هئي.

مون ڇولي هيٺان طوطي لڪائي گهر ۾ آندي، اوطاق ۾
پڙڻ هيٺ رکيم ۽ اچي دادن کي ٻڌايم. ٻڌڻ سان ته هوءَ ڇڙي،
"ڪهڙا ڪم ٿو ڪرين؟ اها طوطي گهر وارن کان ڪيئن ۽ ڪٿي
لڪائي رکندا سين؟ نه بابا ..."

منهنجو منهن لهي ويو، روئڻهارڪو ٿي ويس.
هن چيو، "چڱو، اون لاءِ ڏس ..."

هوءَ وئي، ماسي جو ننڍو پڃرو وارو پڃرو ڪڍي آئي. ان ۾
طوطي رکيسين. ان ۾ هن جي لاءِ ميوو به رکيوسين ۽ ٻاٽيءَ جي
وٽي ۾ پاڻي کي اوطاق جي ڏاڪڻ ۾ اسٽور واريءَ ڪوٺيءَ ۾
ڇت ۾ لٽڪايوسين. صبوح لائين طوطي مري چڪي هئي، ۽
اسان کان اڳ اها سڌ بابا کي پئجي چڪي هئي!

هو سڌو منهنجي ڪٽ تي آيو. مان اڃا ننڊ ۾ هوس.
ڌونڌاڙي مونکي اٿاريائين، هو مونکي چماٽ هڻڻ وارو هو جو
دادن هلي آئي. چيائين، "طوطي مون آندي آهي ..."
بابا هٿ ٻيرو ڪيو. چيائين، "اڄ ٿي گوبند کي نالڪيءَ وٽ
ڇڏي ٿو اچان. گدڙ ۽ هيمونءَ جي اثر کان اهائي رکڻ جو
اهو ئي طريقو آهي."

ٻيان ۾ پٽيءَ وٽ رهندي وري اسي نه ٻاري ٿي- گوبند

(دهليءَ جو گوبندرام ٻيهومل)، هو منهنجي ڀائٽن جو سؤٽ هو ۽ هن جو ٻيءُ منهنجي ڀائٽن جي فرم "کيولرام ٽوپڻداس" ۾ نوڪري ڪندو هو ۽، گڏجي ٻا واسديو هو مون سرلو هو. گوبند، گڏجي ۽ مان ٽيئي اسڪول ۾ گڏ ويندا هئاسين. اوچتو ، هن جي صحبت کان وڌيڪ مونکي منهنجي ماسڙ کيولرام ڀاڻ ڏانهن ڇڪيو.

هو ڪافي ٻڍو هو، منهنجي ڪراچي واري فرم منهنجي سؤٽ ٽوپڻداس، منهنجي ڀاءُ ۽ ٻئي جي حوالي ڪري هو منهنجي ڀيڻ وٽ رهندو هو. نظر ۾ گهٽي گهٽ هيس ٻار ڳالهيون سڻيون ڪٽندو هو. الف ليليٰ جي ڪهاڻي، ڪهاڻيءَ مان ڪهاڻي مون ٻڌا ۾ رهندي هن کان ٻڌي ۽ ٻڌائيندو ۽، ڏاڍي سٺي نموني سان هو ۽ ڇڏيندو ۽ اهڙي هنڌ هو جو مان پڇي ٿي ويندو هوس، "ماسڙ ٻيءَ ڇا ٿيو؟" هو کلي چوندو هو، "ٻاڙيا، وڌيڪ سڀاڻي، اِنتظار جو ڦل مٺو ٿيندو آهي."

۽ ان ڪهاڻيءَ جا ڪردار سڄو وقت مون سان ساڻ رهندا هئا ۽ ٻئي ڏينهن اسڪول مان اچڻ شرط ماني ٽڪڙ ۾ کائي وڌيڪ ڪهاڻي ٻڌڻ لاءِ مٽي ٻچيءَ ۾ ماسڙ وٽ هليو ويندو هوس. "الف ليليٰ" بعد هن "علي بابا چاليهه چور" ۽ اُن بعد هن مونکي " حاتم طائي ۽ چار درويش " ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي.

مان ڪهاڻي ٻڌندي ڪڏهن کلندو هوس، ڪڏهن روئندو هوس، ڪڏهن "الا"، ڪڏهن " او" ڪندو هوس. ماسڙ کلي چوندو هو، "ٻاڙيا، ڪهاڻي ٿي نه آهي؟"

۽ اڪثر مان ٻاڻ کان پڇندو هوس، "اهڙي ڪهاڻي مان جوڙي سگهان ٿو؟"

هڪ ڏينهن صبح جو مان اسڪول وڃڻ لاءِ گهران نڪري آئي رهيو هوس تہ ايندي مان ماستر جون رڙيون منهنجي ڪن تي پهتيون : سڙان ٿو ، بچايو.

مان بي اختيار ڏاڪڻ تي چڙهي ويس، ادي اڳ ئي پهتي چڪي هئي، ماستر گويا باه جي لپيٽ ۾ هو.

ماستر نہ بچيو ، آدي رنڻ لڳي، مان بہ رنڻ لڳس.

نظر گهٽ هجڻ ڪري ليلي پٽ اندران ڪٽ جي چادر تي ڪيرائي هئائين ......

ان موت جي مونکي ڇٽي يادگيري آهي، اڄ بہ موت ايترو دردناڪ لڳندو آهي، اها سڌ بہ ناهي.

اڄ لالٽين مرڪندي ڪان سرد شيڪارا ڀريندو ڪترائيندو رهندو آهيان.

توڪلداس ۽ منهنجو پيءُ بہ اچي ويا، ڪراچيءَ مان. توڪلداس مونکي پهرئين ئي هشمت وارو شخص لڳو. ڊگهو پتلو بدن، مٿي تي ڪاري ٽوپي، پيرن ۾ جوراب ۽ بوٽ، ڌوتيءَ ۽ ڪوٽ ۾ هو اثردار ٿي لڳو. هو بہ سچ پچ اثردار پوليس جا ڏيڍ ڏينهن اديءَ کي پيا ڳالهيا سان لڳ ڪري رهي هئي، سا اوچتو چپ ٿي وئي. منهنجو پيءُ توڪلداس کان وڌو ٿي لڳو ٻار هاڻيءَ، هلڻ چلڻ ۽ هلندي ڳالهائيندي ۾ هن جهڙي مت نہ هو.

توڪلداس ٽن چئن ڏينهن بعد هليو ويو.

اديءَ ۽ پيءُ وچ ۾ هڪ ڏينهن منجهند جو مون بابت ٻڌمس ٻڌي، هن ايڪي مونکي ننڊ ڪٽي وئي هئي.

هن کي پنهنجو اولاد نہ هو. آدي مونکي گود ۾ وٺڻ لاءِ پور پڇي رهي هئي ۽ پيءُ پنهنجي پاڻيءَ بعد منهنجي اٿي پيءُ جي پت جيئي ڪي، جيئو اٿندو هو ٻہ مون کان چار سال

وڏو هو. ٻڪر ۽ ٻڪريءَ جي ڪمر ۾ ٻه هيڪاندو لڳاوٽ لڳندو هو. ٻنهي پنهنجو پيو نه هئڻ ڪري لڳي پيئي هئي. ٻڪر چئي رهيو هو، ”مان ٻڪريءَ پرائي. جيئنو جلد پنهنجيءَ لي وهندو ۽ منهنجي پٺيءَ جو حقدار ٿيندو، گوبند اڃا ننڍو آهي.“

ٻڪري چئي رهي هئي، ”گوبند جو اسان کان سواءِ ڪير آهي؟ پاڻو پنهنجي ڪم ۾.. امان مڙهي ناروء، دادن ۽ گهر ۾ ٻه ريء، پاڻو اي شادي ٿاسي نئو.“

ٻڪر چيو، ”ٻه پٽ ٿا ڳالهه ۾ ونون.“

اتي ڪتن منهنجي من ۾ آواز آيو، ”مان گوبند جو پٽ نه ٿيندس.“

ان وچ ۾ ٻڪري ٻڪر ٻارن سان ليڙن لي وڃڻ لاءِ تياري ڪري رهيا هئا. بابا هڏن کان ٻا چئجي مون کان موڪلائڻ آيو. مون کيڻو ڪيو، ”مان گوبند جو پٽ نه ٿيندس، مان ليڙن لئي به نه ويندس.“

بابا چيو، ”ٻل نه وڃ، وهلو ۽ نه وڃ. مونکي ڪهڙا سڀ پٽ آهن جو لوکي گرد ۾ ڏيندس. هاڻي ڏاڻي ۽ آهر ۽ پنڌي لاءِ مون وٽ گهڻج آهن.“

هن ڇڪي مونکي چاليءَ سان لاتو.

بابا مونکي ڳوٺ وٺي آيو.

اسانجي گهر روز ڪو نه ڪو مهمان ايندو هو. جڏهن ڏينهن مهمان نه ايندو هو تڏهن ڏينهن امان ڏايي موڳي موڳي رهندي هئي. مهمانن ۾ مونکي ٿيڪو وڌيڪ وڻندو هو، هو هفتي ۾ ٻه ڏينهن ايندو هو، سومر ۽ جمع ڏينهن ۽ جي هو پيرو ڪندو هو نه امان کان وڌيڪ مان من ئي من ۾ اداس ٿي ويندو هوس. هو مونکي ان لاءِ نه وڻندو هو جو هو مون لاءِ پيري سان

بسڪيٽ يا ڪئمنڊا کڻي ايندو هو. هو مونکي اُن لاءِ وٺندو هو جو هو ڳالهين جو ڳوٺ هو. مان اسڪول مان ايندو هوس ۽ هو بزار مان پنهنجي دليوڙن واري دوڪان لاءِ خريداري ڪري موٽندو هو. هنکي ماني کارائي، ٻاهر ڪاٺي، مان ۽ هو اوطاق ۾ ساڳيءَ کٽ تي سمهندا هئاسين. جڏهن ٻولن کان وٺي لر جي مشهور ڌاڙيل پير محمد جي جانفشانيءَ لائين، هو ڪاڻ ڪا ڳالهه مونکي ٻڌائيندو رهندو هو. ڏني جي جهليءَ جي هوا ۽ هنجي ڳالهين جي وچ مونکي ننڊ کڻي ويندي هئي. منهنجي اُٿڻ کان اڳ ئي هو ڳوٺ راهي ٿي ويندو هو ۽ منهنجي دل ۾ ڇڏي ويندو هو پنهنجي پيءُ اچڻ جو انتظار. ڏوليءَ ۽ ٻڪريءَ ۾ هر ڪافي وڏو لڳندو هو، ٻوءِ ته مان هنکي ٽيڪو ڪري سڏيندو هوس جو منهنجي ڏاڏي هنکي ٽيڪو ڪري سڏيندي هئي، ٽيڪوءَ منهنجي ۽ پنهنجي وچ عمر جو تفاوت مٽائي ڇڏيو هو، اهو ئي ڪارڻ هو شايد هنکي ٽيڪو ۽ لون ڪري سڏڻ جو.

ويندو رهڻ جي باوجود امان هر روز صبوح جو ٽيرن ڪرائي، انگوڇو مٿهن جي ڳچيءَ جي چوڌاري ويڙهيندي هئي ۽ ان جي هڪ ڪنڊ ۾ آنو ٻڌي ڇڏيندي هئي. مان هڪ ڇوڙي کان ٿي ڇوڙي لائين شاهي بزار لنگهي، ٻاچي مارڪيٽ وٽان ڦرندو گوشت جي مارڪيٽ اندر ويندو هوس ۽ ٻئي نمبر صندل جي ٻاسي ۾ وڃي اٽڪندو هوس. قادو ڪاسائي مون کان انگوڇو وٺندو هو، آنو ڇوڙيندو هو ۽ اڌ سير گوشت اُن ۾ ٻڌي انگوڇو وري منهنجي ڳچيءَ ۾ لٽڪائيندو هو.

ڪجهه وقت بعد سڌ پيئي ته گوشت ڏهن پئسي (هائوڪا پندرهن پيسا) سير هو. ٻڌي گراهڪ هجڻ ڪري قادو مونکي پن آني سير جي حساب سان ڏيندو هو. مان الان سڌو ٻاچي مارڪيٽ ۾ مامي آئل جي ماڙيءَ وٽ پهچندو هوس. هو انگوڇي

جي پٺيءَ پاسي پاڻيءَ ۽ سائو مصالحو ٻڌي انگوڇو منهنجي ڳچيءَ ۾ لٽڪائيندو هو. مان وري هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ازار لتاڙي گهر پهچندو هوس.

هڪ ڏينهن ليوڙ چڱو ڏهر سان ڀريو هو ۽ مان مونڊي کاڌي لٽڪڙو ازار لتاڙي رهيو هوس جو چوسول وٽ آواز آيو، ”ڀڄ، ڀڄ ڀ...“ ڪنڌ ورائي ڏٺم ته آر پار وانڍ گهٽيءَ جي منهن وٽ ڏاڍو بيٺو هو ۽ اڳيان ڪهڙن جو ننڍڙو خوبصورت رکيو هوس. مان هڪدم ڏسي ايڏو خوش ٿيس. ٻوءِ ته هن وٽ پهچي اي زبان مان نڪتو، ”ڀڄ اوهين هتي! مون سمجهيو وڏيءَ دنيا ۾ هليو ويو آهين.“

هن جو منهن پاڙو ٿي ويو. ٻوءِ چيائين، ”ڀڄ اوهين ته اٿي ۽ مان به مان ڪڏهن نه ڪڏهن ڏينهن هتان ٻاڦي ٿي ڏيکاربو سان ءِ.“ خير، هو پڳو ڪونه، ڪهر وڪڻندو رهيو. البت وقت گذرڻ سان هن جو خوبصورت وڏو ٿيندو رهيو.

هيمون ان وچ اسڪول ڇڏي چڪو هو. ٻنوءَ هڪڙي عين ٻين ٻارڻ جهڙو ٻدمعاش ٿي چڪو هو. هو اڪثر چوندو هو، ”پڙهڻ ۾ هڪ ٻٽ نارو ڪافي آهي، هيمون منهنجو ٻانهن ٻيلي ۽ ٿيندو ته ڌنڌي جو وارث به رهندو. هو ۽ ته جڏهن هڪ ٻيلي ۾ ۽ شيمون گهاري ته سگهندا آهن ان هڪ ڇت هيٺ ۽ پڙهيل هڪ ٻئي جو ماس ٿي ڇڏيندا.“

هيمون ٻنوءَ کي هر روز طبيلي ۾ به ٿي ڪلاڪ مدد ڪندو هو، باقي سڄو وقت گهٽين ڪچيندو وتندو هو. ڪي ڏينهن ته رٽيندو رهيو. ”پڙهيندا لکيندا، ٿيندا خراب، رليندا پليندا ٿيندا نواب.“

هو نواب وانگر ڪي ڏينهن ٽنڊ لي ٽوپي رکندو ڦرندو هو.

منهنجي هن سان بيحد همدردي رهي، عمر ۾ مان خود رول پين ڪندڙ هوس مگر ٻران مان اٺڻ بعد روز اسڪول وڃڻ لڳس. ٻاني ماستر ڪڏهن جو ڏيڻ جڏي ڏني هٿي، ٻوء ۽ مون اسڪول ڪڏهن نه گسايو. هڪ ڏينهن هميشه کــي اسڪول هلڻ لاء چيم. چيائين، "سونت، اون ۽ تو پڙهين، اسهنجو پاڻ ۽ تو پڙهي، لڳاء شرط، اڳتي اوهان ٻئي وڌندا ۽ اوهانجي گهر مان ني نه ته ۽ گهر ضرور ليندا. سونت، جڏ انهن جهگڙي جــي ڳالهين کـي، اچ نه ٻيون ڳالهيون ڪريون، ڪــال خوشيءَ جون."

مان ۽ ٻانو اچ ڪلهه ٻن شهرن ۾ الڳ الڳ گهرن ۾ رهون ٿا ٻر ته پڙهڻ ڪري، نه ڪڏهن ملڪيت جي جهگڙي ۽ نه هميشه ن ۽ هن کان وڌ ٻنوء هي دل جي ڪڏهن ڪنڊ ۾ رهيل خواهش جي ڪري. اسان جي علحدگي وڌاڳي ۽ الڏ ٻلاڻ جي لعنت جي ڪري آهي خير، ان جو سراسنو ذڪر ڪڏهن ٻئي دفعي.

ٻران مان ڳرت اچڻ لي مون هڪ ٻيو ۽ قبر و ڏنو. ٽيڪوءَ جي اڳوٽي خوش مزاجي نه رهي هئي ۽ لڳندو ۽ مجهيل مجهيل هو. مون کــان رهيو نه ٿيو. پڇيو مانس، "اوهانجي گهر ۾ ته سڀ خوش ٻرسن آهن؟"

هن ورائيو، "گهر ۾ سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي، ڏاڏو ۽ سڏو ٻيو هلي."

مون چيو، "ٻاقي."

هو اچي رڻ ۾ چنڪيو. هلڪو سارو مڙس مالهو روئي ڇڏي رهيو هو، "گوبند، دنيا ۾ اندڀر آهي، ڪاڪي (منهنجي ٻاءُ) لاء هاڻي ۽ ٻيون مانٽيون اچن، هن جي ور ور نه ڪرڻ لي ۽ مان جواني ٻــار ڪري ڇڪو آهيان، ڪو مون کــي ڏيءُ نٿو ڏئي ..."

مون هن کي ڪجهه نه چيو، امان کان ”ٻچڙ نيڪوءَ جي شادي ڇو نه ٿي ٿئي؟“

امان ونئي ڇڄ ۾ ڇانو ۽ سوچيا، منهن مٿي ڪري ڪانسواءِ چيائين، ”اڙي غريب هو، ان ڪري، هاڻي هو عمر چڙهي چڪو آهي، ڪنهنجو اٿو ڪٿو آهي جو پنهنجي جوان جماڻ ڌيءَ ڪنهن هڪڙي ڏيندو؟“

مون دنيا ۾ ايا ڏٺين، ڪهڙو ڪي نه ڏٺو هو، پوءِ به دل ئي دل ۾ چيم، ”دنيا ۾ سچ پچ انڌير آهي.“

منهنجي آس پاس ئي ......

ڪڏهن جو پاڻ ڪرنگو، سڀڻ جو نندو پٽ ٽوپڻ ۽ منهنجو ماءُو (در حقيقت امان جي سوٽ جو پٽ) آئل ڪندوارا هئا؛ غريب هئا ۽ لڪڙ عمر چڙهي رهيا هئا.

ڪڏهن طوطا قاسائڻ ان ڏينهن کان ڇڏي ڏنا هئا، جڏهن ڏينهن اسانجي گهر طوطي مٽي هئي؛ هو شام ٿئي سوناري وٽ جهلي ڇڪيندو هو، پراڻي پساريءَ وٽ ٻڙون پڪندو هو يا رجب واڙي وٽ مزوري ڪندو هو ......

هو، هنيون ۽ مان هڪ ئي پاڙي ۾ پيدا ٿيا هئاسين، گڏ وڏا ٿيا هئاسين، ڪجهه وقت گڏ رهيا هئاسين ۽ ...... ۽ هاڻ جڏهن جوان زندگيءَ جي ڏواٽي تان الڳ الڳ راهن تان وڃي رهيا هئاسين.

مونکي نه چاهيندي به مونکي ورڻي پٽيءَ وٽ وڃي رهڻو پيو، ٻاهران پران ۾ ٻوءِ ڪراچيءَ ۾ ......

منهنجو پڙهڻ چالو رهيو هو. بابو ۽ امان هونئن ٿا ٻڌائيندا رهيا، هن جي پراڻي سڀڻ اسانکي نيڻي ولا روزي ڪري ڏيڻي واندي هئي.

اديءَ وٺي بابا کي چيو هو، ”گوبند ۾ مهنجو موهه اٽڪيو پيو آهي، چاهيان ٿي ته مون وٽ هجي، پر ڪن سالن بعد گهرائي وٺجوس.“

مان ٻارهن سال گهر کان ٻاهر رهيس. ڳوٺ ۽ شهر جي زندگي ڏٺم، ان جو تفاوت به جاچيم. ان وقت شهرن ۾ هاڻوڪي گهاگهه ۽ هل هلان نه هئي پر ته به ڪراچيءَ ۽ ٻران خواه ناروشاه جي زندگين ۾ فرق هو ۽ مهنجي اک سڃاڻي. من گهڻو ڪي ٻانهيو، ٻرڪيو ۽ ٻرجهيو، هيمونءَ، گدوءَ، ڏاروءَ، ٽيڪوءَ ۽ ٺمڍڻ جي ٻين همراهن، ماسڙ ڪيولرام سميت، مهنجي سمجهه رڌي واڌڪي کي چاڙهي ڏني هئي، ان کي مهنجي عمر جي ٻار کان وڌيڪ رفتار بخشي هئي ... ۽ ان رفتار ۾ آڻيا ته ٻيڙي آندي مهنجي ٻڌائن جي ميوي جي فرم ”ڪيولرام ٽوپڻداس“ جي ڀائيوار مدگهدمل.

مدگهدمل اصل ٺٽي جو هو ۽ ٽوپڻداس جو ڏوهٽو راڻهون ماڻڪ هو. ٺٽي جي چلي رهڻ بعد اديءَ جي سار سنڀال اهو مدگهدمل ئي لهندو هو. ٻاجهي ٽڪو، ميوو ۽ اناج وغيره ٻڌائڻ، هر ضرورت جو پورائو ڪرڻ ۽ سڀ کان وڌيڪ مهنجي سهولتن جو خيال رکڻ.

اديءَ مونکي ماءُ جهڙو پيار ڏنو، پنهنجي گود جي ٻٽ جهڙي کان به وڌيڪ. هوءَ اڻپڙهيل هئي پر فرم جي سيٺ ٻائي ٽوپڻداس جو هن سان ڪافي موهه هو.

مدگهدمل مونکي سڄي ڪراچي ڏيکاري. هر آچر ڏينهن مونکي ساڻ وٺي نڪرندو هو، آرام ۾، ڪڏهن نه ڪڏهن پاسي وٺي هلندو هو.

هوءَ هيڏو ٻگوان جو ٻگهت ۽ سٺ سدڪ جو ڪوڏيون نيٽي جهٽي جي مندر ۾ هر آچرار شام جو هرڊوار جو سنياسي ڪٿا ڪٿندو هو، وچ وچ

۾ ڳچ نه ڳائيندو هو. منگهمل کي ڪٿا مان ”گيان“ ملندو هو ۽ مونکي هن جي واتان رامائڻ، مها ڀارت، نل دمينتي ۽ سريمد ڀاڳوت جي ڪٿائن ٻڌڻ مان بيحد آنند ملندو هو ۽ هن جو سريلو ڳلو نه مونکي هر آڌوار ڏينهن هن ڏانهن ڇڪيندو هو. مون ۾ ڏهن سالن لڳاءِ ان هردوار واري سنياسيءَ جي سريلي ڀڄن ٻڌندي شروع ٿيو.

ٻڌائن سان ڪي گونگيون ڳالهيون نه ڏنم - ۽ اڄ نه ياد اٿم، وري هرشچندر ۽ سورداس.

نثر ناالي نيڪر سان نه سنگت ٿيم، ڪراچيءَ ۾ جو ڳـوڙ ورهين ڀڄائڻ مونکي سينگاپور ۾ ڳڌو.

مان واپس ڳوٺ وريس پاڻ سان گڏ جيئڻ ڀاڻڻ لاءِ ليءَ جي شاديءَ اي!

منهنجي ليءَ ٻين شادي ڪرڻ نٿي چاهي، ڪرڻ چاهي هـا ته ڇهه ست سال اڳـ ڪري هـا، جڏهن اسان ننڍا هئاسين، ٻڌو هوم، منهنجي سڳيءَ ماءُ جـي ڳڙڻ وقت سڏوڻن ۾ ٻه مائٽيون آيون هيون، هن لاءِ، خود منهنجي سڳي مامي ٻهڙجي وڏي ڌيءُ آهي هئي بابا ڪـي، پر بابا هڪ لي، مائيلي ماءُ آئي، ٻارن لاءِ آزار پيدا نه ڪندس. هيڏر نه دادن ٻڌايم ته ”ٻارن جو هڪ ٻيڙو بابا وٽ آيـو، هٿ ٻڌي چيائين، چووهن پنجوهن سالن جي ڪنواري ڌيءُ گهر ۾ وهني اٿم، ڏيتي ليتيءَ جا پيسا ڪونه اٿم تون منهنجي سالڱي انگيڪار ڪر، ٻڪوان اجا نه وڌائيندءِ“ بابا ڳهڻو ٿي آناڪاني ڪئي پر ٻيڙو هٿ جوڙي بيٺو. چيائين: ڪانءِ ٻڌي ٿو وڃانءِ در ڪي، ڳڪدام، وٺيئي ته ڄوڙ، وٺيئي نه ته ڄوڙ، مان ليسنائين اَن جل نه وڻائيندس، جيستائين تون منهنجي ڌيءُ قبول نه ڪندين. بابا ٻيڙي جي هٺ اڳيان لاچار ٿي ويو.

مون بي اختيار پڇيو، "ٽيڪڙءَ جي شادي ٿي؟"
امان ورائيو، "هن مارئيءَ کي ڪير ٿي ڏيندو؟"
مان صرف اٺن ورهين جو هوس؛ تنهن هوندي به منهنجي دل ۾ آيو، "پهرين ڪنگال ٿيا، بابا جي در تي پنڻ وارن ٽيڪڙءَ جي در تي پنڻ سکيو آهي. شايد ان جي عمر وڌندي به نه پرڻس ها." چڱو جو زبان سان ڪجهه نه چيم.
پر وڏو ٿي ٽيڪڙ ڪڏهن سنڀاليندي ڏٺو ته خوش مزاج ٺهيو رهيو، هن جي وهنوار مان اهڙي ريت ظاهر نه ٿيو ته کو هنکي منهنجي نهوداري رهڻ جو ڏک يا بابا جي پهرين پرڻجڻ جو ناراضو هجي. هو ته ڳالهه ٻولهه ۾ بهتر ڏٺو رهيو هو.
منهنجي ماٺيلي ماءُ واقعي ٿالهي سان نباهيندي سانڍي نه سگهي. اسان ٻن ڀائرن ۾ هڪ ٻئي کي من ۾ ٿي من ۾ الهي دپ ۽ انديشا هئا، اهي اجايا نڪتا. منهنجي لاءِ هوءَ دل ۾ ڪهڙي ويٺي ۽ مان به هن لاءِ پنهنجو ڇا ٿو ڀانيان. امان کي به هن ڪٿ ڪا ويهي ڪارايو.
ٻه سال پوءِ بابو پرڻيو، سانڍي ٻائيءَ ٿي جي حيثيت ۾ امان سان ۽ سس جي حيثيت ۾ منهنجي ڀاڄائيءَ سان چڱيءَ ريت نباهيو، بابو ۽ ڌاڙن به هن مان ڏاڍو خوش هئا.
هڪ هنجي سگهي پهرين اسانجي گوٺ ۾ ٻڌايل هئي، جنهن کي اسانجي گهر جو سڪ چئن ڪافي ڪلاڪيو. هن منهنجي ماٺيلي ماءُ کي گهران لوڏي ڪڍيو هو ۽ هن منهنجيءَ انهيءَ پهرڪي اساڳي واٽ ڏانهن ٿي چاهي. هن ٻهراڻ موڪلي ڏاڍو ڪاڻ ٻوڙ ڀاڄائيءَ کان ٽيڙڻ لاءِ لاچون لب ڏنا، مگر مان هن جي وڪڙ ۾ نه آيس. هن پهرڻ کي به ارغلائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سانڍيءَ شايد ان سان ٻڌو ڪيو هو ته هوءَ مرندي مري وينديءَ، ماٺيلي ماءُ

پاڻس دستوري غلطفهمي دور ڪري ٿي رهندي، ممڪن آهي ته پاڻ هن کي ٿاٿارڻو هجي ۽ ٿاني ته هن کي سڏڻين راهه اسي محڪم رهڻ لاءِ همٿايو هجي؛ ڪيئن ته، ماسيءَ کي اها آشا رهي ته ساهڙيءَ کي پنهنجو پار ٿيو ته هوءَ مائيلي پارن کي ڏيهون جا ٿارا ڏيکاريندي. هن جي اها اميد به ارڙواب نه ٿي.

پاڻيءَ کي ٿڌو ڀار جاڳو ۽ زهر چڙهي وڃڻ ڪري پاڻ به اٿي نه سگهي.

مان اڄ به اکين ۾ آب اوتي اتين وسهندو آهيان ته پاڻيءَ گويا گهر جي اڪتا ۽ اڪيلتا کي سلامت رکڻ لاءِ جان جي آهوتي ڏني هئي.

مون گانڌيءَ کي پهريون ڀيرو ونجهاڻيءَ لاڳ ناروشاه ۾ ماستر جيولرام مٽانيءَ جي اوطاق ۾ ڏٺو؛ مان سمجهان ٿو اهو ١٩٢٩ جو سال هو ۽ سنڌ ۾ پاردست پوڻون پيون هيون. ڏيرو اڌ اڳهاڙو ۽ ڪافي ساورو. ڏاڏي وٽي هلي هئي، "سنت" جي درشن لاءِ. مونکي گهڻو ڪي ياد ڪونهي، پر اها يادگيري اٿم ته گانڌيءَ جي ليڪچر لي مردن حراه زالن پوڻ جي پيڙهين لاءِ روڪڙ ۽ زيور جام ڏنا هئا. دان ۾ زالن مردن کان اڳرايون هيون. امان پنهنجي نٿ لاهي ڏني هئي. هن ڏاڏي جي ديهانس لسي نٿ ته لاٿي هئي جو هن جو سرڪتو پٽ (منهنجو پيءُ) صحيح سلامت هو، هاڻ هن جي پٽ کي به پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي ۽ مٿان پهر شادي ڪئي هئائين، ممڪن آهي، امان نٿ جي ضرورت محسوس نه ڪئي هجي يا ... يا گانڌيءَ جي ليڪچر ۾ عجيب تاثير هجي.

نٿ لاهڻ بعد مونکي ڏاڏي پڻي لڳي، زندگيءَ ۾ پهريون دفعو.

ڏاڏيءَ سترهن وار ڪيا هئا ۽ اها حقيقت فخر سان ٻڌائيندي

هئي. هو ن پنهنجي ساهرن ۾ ٽي ڀيڻون ۽ ٻه ڀائر ڏٺا.
هڪ ڀيڻ پنهنجي ساهرن ۾ اچڻ کانپوءِ ستمت چالي رهي. هن
ٻن ڀيڻن مان اولاد هڪ کي ٿي ٿيو. در حقيقت پنهنجي سڀني
مائٽن جو دائرو ڪافي محدود رهيو آهي. پنهنجو ڏاڏو ٻيءَ جو
سڀ کان وڏو ٻار هو، بابا جي پيءُ جو سڀ کان ننڍو سوٽ ڀاءُ رهيو
جنهن ۾ هن جو جيءُ ساڻ هو.

بابا کي ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءُ ڏاڏن رهي جنهن کي مامو
اوچيرام ٻن موڙين وچ ۾ لعل ڪري سڏيندو هو. مامو اوچيرام
پنهنجو نه بابا جو مامو هو ۽ ٻاڙي جا سڀ ٻار هن کي مامو
ڪري سڏيندا هئا. هيترا سارا مهمان اسان وٽ ايندا هئا سي
يا ته بابا جي ساٿين جا واقفڪار ۽ مٽ هئا يا انهن پيڙهي اڳ
جي ماڪوڙ ۽ ماساٽ هئا. خود نيڪوءَ جي اسان سان ڪهڙي
مائٽي هئي سا ٻڌائي اڄ ٻولي ساڻي نه سگهيو آهيان. رت جي
رشتي کان سڀ جو سمجهڻ وڏيڪ ڀڻو آهي - اها سڀني ٿيندي
هوندي کان ٻهتي آهي.

بابا جي ٻين شاديءَ ۽ ڪانڌيجيءَ جي اسانجي ڪٽنب ٻڌارڻ
وچ رال گاڏي ٽاروشاه مان لنگهڻ لڳي، ان کان اڳ رال جي
ٽاروشاه کي ويجهي ۾ ويجهي اسٽيشن هئي لاڪا روڊ جنهن کي
ٻه ٽي ٻوٽا روڊ چوندا هئا. اها ٽڙان کان ٽي ميل ٻري ۽ ٽاروشاه
کان سڄا سارا نو ميل ٻري هئي، ٻه ڪيڏن کان مهراڻپور
اوٻ لائين نڪتي جنهن ٽي ٽاروشاه مکيه اسٽيشن ٿيو. ان
ريلوي لائين کانپوءِ ٽڙان جو اوج ختم ٿيڻ لڳو ٽاروشاه ساهتيءَ
جو واپاري مرڪز بڻجڻ لڳو. اڄ به مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي
ته جڏهن ٽاروشاه ۾ ٽهران رال گاڏي ٻهتي ته ڏري ڏهت سڄي
ڪٽ جا ماڻهو ان جي آجيان لاءِ ٽٽت کان اٺ ميل ٻري
اسٽيشن تي اچي ڳاهت ليا هئا. انگريزي خواه سنڌي اسڪول

جا شاگرد ۽ قطارون ٺاهي بيٺا هئاسين، ٻرانيون ڪري ٻهراڙيون هار مون کان ٿي وڃهارائو ويو هو!

ان کان اڳ مان ڳوٺ کان ٻاهر صرف ٻڌان ۽ ڪراچيءَ ويو هوس. ريل گاڏيءَ ڪانهوءَ ٿي ڏٺي ۽ نو شهري آڌس واس. پاڻوءَ جي شاديءَ بعد هن جي ساهري ٻه عيدن وچ لڳس.

مانيلي ماءُ جي سرڳواس ٿيڻ لي مامو اوڇهرام ۽ روڻي رڄ ٻرپا ۽ چياٿين، ”ڪنوار جو ڪرو هردوار ڪٺي هلنداسين.“ پاپيءَ جي ٻني مون پالي هئي، لنهنڪري ماڻي سان گڏ مونکي ۽ وڃڻ جي صلاح ٻني. پاپيءَ جي ديهانت جي چوٿين ڏينهن پاپا چيو، ”مان ۽ هلان ٿو.“ ٿن ڏينهن ۾ رزروشن جو رواج نه هو ۽ نه ورلي ان جي ضرورت هئي. ٻه عيدن کان سنڌ ايڪسپريس پڪڙاسين، ان کي پشاور ايڪسپريس ٻه ٿي سڏيائون. اسان جي پهرين منزل لاهور رهيو.

مامو پنهنجي جوانيءَ ۾ رنگين مزاج رهيو هو، گويا جوانيءَ ديوانيءَ جون اڏامڪارون بخشائڻ لاءِ نوڪريءَ کان فارغ ٿيڻ بعد ٽيرٿ ڪري. هن سفر ۾ هو اسانجو سونهون رهيو، ڪٿي لهڻ ڪهي- ڪٿي رهڻ ڪهي، ڪٿي کائڻ کهي، ڪٿين ۽ ڇا گهمڻ کهي- اهي فيصلا اسان مامي تي ڇڏيا. مون دل ئي دل ۾ مڃيو ته مامو سان نه هجي ها ته اهو لمبو سفر وڏيڪ مهانگو ۽ ٻوي هنا ۽ گهٽ سهوليت وارو ۽ ٿئي ها. پاپا جو چاهه هردوار کان وڌيڪ پنجاب ۾ گردوارا پسڻ تي هو ۽ مامو مڙني گردوارن ۽ ٻين ڏسڻ لائق جڳهين جي اتهاس کان ۽ پاليءَ ٻيٽ واقف هو. ٻئي ڪنهن سونهين جي ضرورت نه ٻئي.

لاهور، امرتسر، ترن تارڻ، گوبند وال، دهليءَ ۽ ڪن ٻين ڌارمڪ آستانن جي ياترا ڪئيسين، گهڻو لطف اس رسٽي. امرتسر

۾ ٻهراڻون دفعو ڏٺم تہ ڪٺاھ صاحب مندر ۾ نہ آيو ھيو، مندر ٻاهران دوڪان تان خريد ڪرڻو ٿي پيو ۽ اندر تلوار سان اٺ ڪٽي گرنٿ صاحب اڳيان هيٺ رکيل وڏي ٿالهہ ۾ ٿي وڌائون ۽ اٺ ڪٽي واپس ٿي ڪيائون. اِي خصوصيت اِها پاتم تہ هر گردواري ۾ سروَر هو؛ مندر جي چوڌاري، اڳيان يا پٺيان ۽ اِهو بہ پروڙيم تہ چڱي گروائي مامي ٻاپ کي ڪمک هٿي پر ٻاپ کي جان تان وڌيڪ.

امرتسر ۾ دسهري ڏينهن راوڻ سڙڻ جو اڻ وسرندڙ نظارو بہ ڏٺوسين، هڪ ئي وقت قطار ۾ ايتري ڏهن راوڻن کي ليلي لڳائي هئائون ۽ هر هڪ ۾ آتشبازي ڪا وڏي هئائون! ٻاروشاه ۾ بہ راوڻ جلندو هو ۽ ساهتيءَ ۾ اِهو ڏسڻ اٿيئي شغل سمجهبو هو پر امرتسر واري دسهري اڳيان ٻاروشاه وارو ٻاراٺو تماشو هو.

هردوار ۾ لهڻ شرط پنڊن جي جهنڊ ۾ وڪوڙجي وياسين، رڙهن واڪن ۽ ڇڪ پٽ ۾ ڦاسي وياسين. انهيءَ ون پنڊن ۽ اپنڊن شاهي پنڊيون سون اڳم ڪٿي بہ ڏٺيون هيون، در حقيقت اِج ٿائين پٺي ڪٿي نہ ڏٺيون آهن. پنڊن جي مهاجار ڪان بہ مامي ايڏائي ورتو. ٻاڻي جڏهن ليرف ڪري آيو هو تڏهن ٿي سڌ لڌي هئائين تہ منهنجو پر ڏاڏو ورهيہ اڳ ئي ان پنڊن کي اڏو آڏ ٻاڻيوار لڳائي آيو هو، ڪريا ڪرم تہ هڪ پنڊي جو ناٿو بہ ياد هوس؛ اِن طرح اواڻيءَ مان سڙي ٿي، مامي جي ڪري.

اسان واپس گهر پهتاسين مس تہ منهنجو سانوڻي سوٽ ۽ هيمونءَ جو سڳو سوٽ زنده ٻاپا وٽ ڊاڪٽين آيو: ٻنهيءَ منهنجي ماٺ ٻڪي آهي. مونکي حيرت لڳي تہ سڳو ڀائٽيو بہ چاچي کي اسي تالي سان سڏي رهيو هو.

ٻاپا چيو، ”مونکي ڇا ڪرڻ آهي، ان لاءِ؟“

مدن ٻڌايو، ”ڪاڪا، هڪ اوهان ئي آهيو جو ڊاڪٽر کي سمجهائي سگهو ٿا.“

بابا چيو، ”ڊاڪٽر کي ڪهڙو اعتراض آهي، منهنجي پڙهڻ تي؟“

مدن اوڇنگار ڏيئي چيو، ”ڪاڪا، اوهان ڊاڪٽر کي سمجهائيندي نه ٿا سمجهايو. منهنجي ماءُ اڄ نه ته سڀاڻ هلڻ هاري، مان نه جي ڪنوارو مري ويس ته منهنجي جان نه ڊاڪٽر کي ملندي نه.“

مون چپ چاپ ويٺي بابا ۽ مدن جي گفتگو ٻڌي. مون ان عمر ۾ به هنن ٻنهي جي ڳالهه کي سچ پچ ڏٺو جو سوچيندڙ هيو.

بابا جي ڪمري ڏانهن مان لڳو ته هن کي به اها ڳالهه دل سان لڳي. چياتين، ”ڪهڙو ٿي منهنجي ڌيءَ اوکي ٿئي؟“

وري به ان ڪچيءَ عمر ۾ مون ڀانيو ته بابا جي خيال ۾ ڪنهن ڪي ڌيءَ ڪوڙي هئي جو مدن جي ٻڌاري وڃي رهيو هو.

مدن چيو، ”سڀ ڪل الله جي مٿان ويٺو آهي ته ڪيمو.“

ڪيمي ڊال واري کي مان نه سڃاڻندو هوس، هنڪي ڇهه ڏينهن هيون، ۽ ٻرٽيل چار ڪنواريون...

بابا چيو، ”مان ڪيمي سان ڳالهائيندس.“

آن شام جو بابا جي نياڻي ٿي ڪيمو خوشيءَ ٻاهر رکي اوطاق اندر آيو ۽ ڊاڪٽر هنڪي اها ٻئي ٻڌائي هئي جو هوءَ مدن کي ناٿي ٻڌائڻ لاءِ راضي نه ٿيو. هيا، اها ڳالهه ۽ ٻار وڃام ته جي ٻاڙو سڄ ٻاجهه هن ٿي منهنجو زور هلائي هيا ته ڪيمو ڦاهو ڦڪڻ لاءِ به تيار ٿئي ها.

گويا منهنجي ڏڪي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ بابا اڳان کي

چيو، ”پرائي جهان، پرائي جهرڪي. مان ڪيئن پرائي ٻچڙي سر تي کڻان؟ سڀڪو چاچو ڪري پاڪيٽي جهڙي پراڻيءَ تي راضي نه آهي، مان ڇو هن سان ڪنڌ ملايان؟“

غريبي مصيبت آهي، اللهه ڪانئون پناهه. مون ٻڌو ۽ ڇڏيو.

اسانجي پنهنجي رهڻ جي جڳهه، ٻڌوءِ، مدن ۽ ڏاڏي جي رهڻ جي ڏاڍ جيان هڪ ٻئي پٺيان پنهنجن گهرن جي اڳراڙيءَ پٺيان ڦري ڪيس جي گهر لائين ڊنگ ڪندي هئي. هڪ دفعي ٻڌوءِ فوني لي جيرانيءَ جو رڪارڊ هلائڻ شروع ڪيو، مون مهڙ واري دروازي ڪان هلڻ شروع ڪيو. پوئين دروازي لائين لاهڻ لي ٽي لان رڪارڊ جي پوئين لڪ ٻڌي آئي. اسانجي گهر ٻه اڳيان پٺيان اڱڻ ۽ پٺئين اڱڻ بعد پاڻهو ۽ واڙو. واڙي ۾ ٻه گانيون، هڪ گهوڙي ۽ هڪ ٻڪري.

۽ اسان وٽ زمين ايڪڙن ٻه هدن وٽ وسيو ٻه ڏڍا هڪ ٿي اڙ ڏاڏي جي ٻن پٽن جي جائداد ۾ اڌو سارو سڌو ٿيو؟ ۽ ڪيئن؟

۽ اهو ئي سوال هڪ ڏينهن هيمونءَ مون کان پڇيو.

اللهه ڪيئن، مون سوال جو جواب سوال سان ئي ڏنو: ”اوهان جي جاءِ، مدن ۽ ڏاڏي جي جڳهن کان ننڍي ڇو آهي؟“

هن جهٽ پٽ جواب ڏنو: ”اسان ٻه پاڻ جو آهيون.“

مونکي اللهه ڇو، جواب دل سان نه لڳو. مان جڏهن ڪڏهن پاڻ کان پڇندو رهيس: هيمونءَ جي جڳهه سوڻن کان ننڍي ڇو آهي؟ اسانجي جائداد هدن جي ملڪيت جائداد کان ٻه گهڻو گهڻو وڌيڪ ڇو آهي؟

ڪارل مارڪس جي ڪالي ٻڌڻ کان گهڻو اڳ ئي اهڙي قسم جا سوال منهنجي دماغ ۾ اٿڻ لڳا هئا.

پوءِ مدن جي شادي ٿي، ٿي، نارو ۽ هيمونءَ جي ٿي

وٺي. ٽارو مدن کان ڏھہ سال ننڍو ھو ۽ ھيمون ٽاروءَ کان چار سال ننڍو ھو ۽ ھيمونءَ جي جڏھن شادي ٿي تڏھن ھيمونءَ جي عمر صرف ٻارنھن سال ھئي.

درحقيقت مارچ ١٩٣٠ ۾ شادين جو فصل لٿو. اسانجي ڳوٺ ۾ ان ڪجھہ وقت بعد لٿو ليو ڇ. شاردا ائڪٽ عمل ۾ اچي رھيو ھو، ١ اپريل کان جنھن موجب چوڏھن سالن کان ننڍي نينگر جي شادي اڻ قاعدي ٺھرائي وئي ھئي. ڊاڪٽر ۽ وڏير ڪنياڪون ڏيئي ۽ ٽھر ورتائون؛ ھڪ ٽاڻيءَ کي آڻيا ويا ھئا ۽ ھيمونءَ جي ڳالھہ مشڪل سان ستن سالن جي ھوندي. شاديءَ ۾ ڪنوارڻيءَ جي رواج جي ٻھراڙين ٻيرو ھير ليرو ڏيئر ڏاڏي ٽھر ونڊيا. سڄي ڳوٺ ۾ ھڪ شادي تماشو ٿيڻ لڳي، اسانجي گھٽيءَ جي ڏيڏل ڏيءَ پراڻي ھڪ ڏکھہ سان جو مونکي ٽيڪوءَ ۽ ڪونگوءَ کان ٻہ عمر ۾ وڏو لڳو. ماءُ ڏيءَ کي ڪنھن ۾ ڪٺي سمت ڦيرا ڦيرائي ڇڏيا، ڏيڏل کي ڏيءَ الڳ چار سؤ روپيہ مليا ھئا!

ماءِ اوچتو تماشو ڏسي ڏک مان چيو، ”غريبيءَ ڪسي لعنت آھي“ مون دل تي دل ۾ ھن کي صحيح سمجھيو.

ڪونگوءَ، ٽيڪوءَ ۽ ٽوپلو لڳيءَ وارا ان شادين جي فصل لھڻ تي ٻہ ڪنوارا رھيا. ھن وقت ٻہ پرڻيل ھئي، ٻہ ٻسرو.

مالي ۽ سماجي نا برابري مونکي کٽڪڻ لڳي.

ھيمن جي ڳالھہ ليڪي ڪڏھي لڳندي ھئي. ھوءَ ڊاڪٽرءَ اڳ گويا رانديڪو ھئي، ڏاڏھن ۾ ڏھہ ٻيرا ٻزار موڪليندو ھو، ڪڏھن ٻہ ڪنھن شيءِ آڻڻ لاءِ ھوءَ ٻہ ميرو ڪپڙو چولو ۽ لنڊي پائيندي ٻاڻي لڙندي لمندي گھر ۽ بازار وچ اچ وڃ ڪندي رھندي ھئي. ھن جي شڪل صورت سٺي ھئي، معصوم اکيون ھيون ۽ ٽوپي پاتي ھئي؛ ٻاڙي ۾ جڏھن لڏھن کي وڻندي ھئي.

بابو جو ڀاڻيءَ، هن جي ڪتابن ۽ ڪمن ۾ ڪو چاهه. نه وٺندو هو، سو به ليلاءَ سان بابوءَ سان ڳالهائيندو هو، البت ڀاڻيءَ جي پوئتان.

هيمون ۽ ليلي هڪٻئي کي پاڻيندا هئا، رسندا پرچندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن هٿين اچي به لڙندا هئا. ڀاڻو ڏاڍو تيزي ڪندڙ هو ۽ هيمونءَ ماءُ پٽ اندران ڏهن جو اندر ڪٽيندي هئي.

ٻن شايد ٽن سالن بعد ليلاءَ کي ڪاباري لپ چڙهيو ۽ هوءَ چلي رهي. هن جي پيڻ ناروءَ جي زال ٿيو وڃيو پر ڀاڻيءَ، هيمونءَ ۽ هن جي ماءُ پاڻي آنند ٿي هو. ڀاڻيءَ کي، ٿورو وقت اڳي، هڪ گهوڙي جي مرڻ لـي هيانءَ ڦاٽي وڃندو ڏٺم پر ليلاءَ جي مرڻ تي هن هڪ ڳوڙهو به نه ڳاڙيو. هاں هڪ ڏينهن لاءِ ملول سو رهيو.

هيمونءَ جي وري شادي ٿيندي، اها نه هيمونءَ کي اميد هئي نه ان لاءِ هن جي ماڻهن کي خاطري هئي. هيمونءَ جي آواره گرديءَ ۾ اضافو اچي ويو، ۽ جتي ڀاڻيءَ جا عشق ٻر ۾ مشهور هئا اتي هيمونءَ جون ازينگاريون اندازا ٿيڻ لڳيون.

الائي ڪيئن، منهنجي هيمونءَ سان همدردي سلامت ٿـي نه رهي، اها وقت سان وڌندي رهي.

جونکي هن سان، بابا جي پڙ ڪان، ٻاڙي ۾ ڳالهائڻ جي جرئت نه ٿيندي هئي، پر مان گهڻو ڪري هن سان روز ملندو هوس.

رات جي ماني کائڻ بعد بابو سيتداس جي اوطاق ۾ هليو ويندو هو ۽ مان اتي پاسي بابا سنگهه جي اوطاق پرسان موريءَ تي هليو ويندو هوس، هيمون ۽ هن جي آواره همراهن سان پٽ شٽ هڻڻ لاءِ. مان گهر موٽي، سيتي جي سمهي رهڻ بعد اسٽري تي وهاڻو سمهاري مٿان چادر وجهي وري گهران نڪرندو

هوس ۽ هيمونءَ سان پوهوءَ جي باغ ۾ هليو ويندو هوس، جانئءَ
جي ٻيري يا ٻولي جا ڪلام ٻڌڻ لاءِ. اڌ رات گذري وڃڻ
بعد گهر ايندو هوس، هلڪي سيٽي وڄائڻ سان دادي در
کوليندي هئي ...

مان انگريزي اسڪول ۾ سال ٻسال ڏيڍو پڙهندو رهيس،
درحقيقت منهنجي روزمره جي زندگي يڪسان ٿيڻ لڳي
هئي- صبوح جو اسڪول، منجهند جو آرام يا بازار ۾ ڪنهن نه
ڪنهن دڪان تي ٻابو يا ٻولي جي دوڪان سامهون رنگ وار
راند ڏسڻ، شام جو ادڙن دادڙن راند ڪرڻ، رات جي ماني ۽
بعد هيمونءَ سان ٻانها سنگ جي موريءَ تي ٻه شت هڻڻ ۽
گهر اچي وري پوهوءَ جي باغ ۾ وڃڻ ۽ اڌ رات ڌاران گهر
اچي سمهڻ.

ادڙن دادڙن راند ڪندي هڪ ڏينهن شاميءَ مونکي سڄ
”ڪهوٽ“ ٿيڻ لاءِ للڪاريو. مونکي ٿڃان آچي وئي، غيرت
ذات ڪان ني نفرت ولي وئي. مون ادڙن دادڙن راند ڪرڻ
ني ڇڏي ڏني. شام جو وقت سڪول ۾ ڪرڪيٽ کيڏڻ لڳس،
ٽين درجي انگريزيءَ ۾ ڪلاس جو مانيٽر به هوس ني، ڪلاس
جي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪئپٽن به ٿيس.

ان زماني ۾ ٻاراي ڪرڪيٽ ٽيم انگلنڊ وئي هئي، سنڌي
جي. نائونمل ان ٽيم جو مکيه اولڊر هو. ماسٽر چوهڙمل چيو،
”مشهوري راندان ڪري ٿو ملندي آهي.“

مان منهنجي ڪلاس ٽيم جو اوپننگ بئٽسمئن هوس. رنسون
ڪهڻان ڪول ڪندو هوس، مگر اڪ ٽڪ ڪري جميو بيٺو
هوندو هوس ۽ آئوٽ ڏکيو ٿيندو هوس.

اللاني ڪيئن مشهوريءَ جي ڏاڍي چمڙو منهنجي من ۾
روز منهنجي ٻنيءَ تي وڃي، ڏاڪائي جي يڪيءَ جڳه جي ٻس

اي ٿي سگهيون ليڪن جون سٺيون ناهي لڳس اوائلڪ جي
پريڪٽس ڪري.

مون ڪلاس نائين ۾ ايڪٽنگ ڪرڻ شروع ڪئي ۽ وڪيلون ۽ وٺڻ لڳس. سال سوا بعد اسڪول جي سيڪنڊ اليون لائين پهتس. ڀران جي ڪي-سي. اڪاڊميءَ جي سيڪنڊ اليون سان مئچ ڪندي سلپ ۾ فيلڊنگ ڪري رهيو هوس، بال مون لائين پهتو، مدهڪي هٿن مان نڪري اچي مٿين چپ لڳي لڳو، چپ ٿي چڪي ٿئي پيو، رت ڪو وهيو! ڪي ڏينهن ملم پٽي ڪرائيندو رهيس.

اسڪول جي فرسٽ اليون جي ڪئپٽن علي اڪبر شاه چيو، "لڌهڙو ڪئچ جهٽڻ جو طريقو غلط هو." هن مونکي هٿن جي ڪئچ جهٽڻ لاءِ ڪهڙي صورت آ، سمجهائي ۽ مون ڪرڪيٽ ڪرڻ کان ئي توبهه ڪري ڇڏي.

مشهوريءَ جي ڏاڍي جو ڪلو في الحال دٻجي ويو.

ان وچ لڳ يڪ ساڳئي وقت ماهي آنل ۽ ٽوپڻ ٽانگي واري شادي ڪئي، پيسا ڏنائين. ٻئي ڪردارئون سانوڻ هئيون، ماهي جي ڪردار ملتانڻ هئي ۽ ساماٽل هئي ۽ ٽوپڻ جي زال سرسولي سندياڻي هئي ۽ صغير هئي.

هوءَ پاڙي ۾ شام جو ادڙيون داڙين راند ڪندي هئي.

ماستر ٽوپڻداس، اسڪول جي انسپيڪشن جي دوران ۾ هڪ نديڙي ناٽڪ ۾ هڪ وڏو جو پارٽ ڏنو هو، مونکي وار پائڻ وسري ويا، ڏسندڙن ۾ اچي ٽهڪڙو پيو. ماستر ٽوپڻداس ڪيسرانيءَ اي مونکي جهٽڪو ۽ ۽ مون ۾ ناٽڪ لاءِ چاهه پيدا ٿي ويو. ٽوپڻداس ٿي ساڳئي ڪلاس ۾ مون ۾ ٻه ايڪٽنگ سوسائٽيءَ ۾ ايڪٽنگ ڪرڻ جو شوق ۽ جاڳايو. مدهڙي جيون ۾ ٻه ٽران چاهه پيدا ٿيا مگر پرائيون مشغوليون، رول نهن سميت جاري

رهيون. اتفاقن جي سلسلي سان لڏاڻن ۽ انهن جي مطلب جي
۽ شروعات ٿي.

۽ هيئن ئي سان روز ڪنهن ڪلاڪ گهارڻ جي عادت
سلامت رهي.

هڪ ڏينهن ٻانهاسنگ جي موريءَ لاءِ چيائين، "سوٽ، ٻڌي ته هڪ ٻيو انب آهي؛ چاهيان ته، آن کي چوسيان."

مون چيو، "ٻاڙي ته انهن جو وڻ ئي ڪونهي."

هن وڏو ٽهڪ ڏنو. چيائين، "سوٽ، تون نه سمجهندين، ڪي عقل جون ڳالهيون اسڪول ۽ ڪتابن ۾ نه هونديون آهن."

هن وري ٽهڪ ڏنو، مان هن ڏانهن ڏسندو رهيس.

ٻه ٽي ڏينهن رکي، ٽاڪ منجهند جو هن اسانجي اوطاق اڳيان ٻه آڳرين واٽ ۾ وجهي سيٽاري سيٽي وڄائي. مون منهنجي ارد گرد نهاريو. ٻاٻو اندر ۾ هو ۽ ڏاڍو ڇهلي اوڏيندي جهونا ڪاٺي رهيو هو. مان اٿيس ۽ ڌيرج ٻيرن سان اوطاق جو ڪڙو، وراڻيو ۽ اگهاڻ ٽاڙي آهستي دروازو کولي ٻاهر آيس.

هيئن ئي چيو، "هڪل انب جو چسڪو وٺڻو هجي ته مولچند جي لهندڙ ٽنهن جڳهه ۾ اچ، ڏاڪڻ هيٺان هريءَ ۾ سانڍي ٻنجين اٿي."

هو ڳالهائي مون سان رهيو هو ته نظرون گهمائي ڦيرائي سڙڪ جي ڏکڻ طرف وجهي رهيو هو، اتي ٿنڌي هٽي ٽوڙڻ جي زال، سرسوتي. هوءَ مرڪي ٿي رهي هئي، شرماڻي ٿي رهي هئي ۽ واٽ ٿي هوس ٻوليءَ جو ڇهڙو.

هيئن انڌار طرف هليو ويو، مون سرسوتيءَ ڏانهن نهاريو. هوءَ اڄ اڪ سان مون ڏانهن نهاريو، ٻوليءَ جو ڇهڙو واٽ ۾ وجهي، ۽ ڪنهن عجيب نموني سان موڙي گهر اندر هلي وئي.

مونکي اڃان لڳو، ڄڻ مونکي ننڊ ڏيئي رهي هئي، ٻاٻا وٽ اچڻ لاءِ - اوڏي جو اوڏيمهل.

اوچتو، منهنجي ذهن ۾ عجيب گدگدي ٿي، زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ... ۽ منهنجي منهن تي پسينو مڙي آيو ۽ مونکي ڏڪڻي وٺي وئي، مان اوطاق اندر هليو ويس. مونکي اڃان لڳو ته مان ننگن کي ڏسڻ لئي اندر وڃي رهيو هوس.

ٺيڪ اوڏيمهل منهنجي ذهن ۾ سڌڙي جو آواز جو پڙاڏو ٿيو، ٻار ڏينهن اڳ امان کي چئي رهي هئي، "نوڙي ڙال سرسوتيءَ جي ساماڻجڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا نه وس ڪيا اٿم، پادامون ڪارايون اٿي مانس، راڌ پڙ پسيل چٽا ڪارايا اٿي مانس، ڪيرٿيون پيارايون اٿي مانس ..."

سرسوتي خوراڪي چيزون کائي ٿي ساماڻجي وئي هئي، ايتري سمڪ ته سڌڙ کي پئي هئي ۽ نه ٻوڙي کي. ماڻهن ۽ ٻاڳڙن جي اسٽيشن ۾ قرار ڏنڊ هيمون لاڙي ويو هو، انبڙي اٿس ئي آهي، پڪل اٿس ... خود هيمون جلد جوان ٿي ويو هو.

منهنجي دل ۾ عجيب خواهش پيدا ٿي. عجيب تڙپ اٿي، عجيب جنبش سان- اهو منهنجو پهريون آزمودو هو. منهنجي بي آرامي وڌندي رهي.

اوطاق جي پٺ ۾ ننگيل گهڙيال پڄڻ جا ٺڪاءُ هيا ته مان اوطاق مان نڪري گهر جو آڳنڌ لتاڙي، مهڙ وارو دروازو کولي ڏڪيءَ تي اچي بيٺس.

اونهاري جا ڏينهن هئا، اُمس هئي اڃا، گهٽي بلڪل خالي هئي، منهنجي منهن ۽ مٿي تي ٻگهر مڙي آيو. اوچتو، هيمون گهران ٻاهر نڪتو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري بنا ٻئي طرف هليو ويو. مولچند جي ٻهڪڙ ننڍن جڳهه ان طرف هئي.

مون ۾ وري عجيب گدگدي محسوس ڪئي.

۽ سرسوتي منهنجي اڳيان لنگهڻ لڳي، هن جو ڪارس رو چهرو ۽ ڇهون رنگ جو ئي ويو هو ۽ هن نيڻن ۾ نگاهه سان مون طرف نهاريو، هن جي ورڪ اڏيس هئي ته لالهاڻيندڙ ۽ هئي. هوءَ مون کي عجيب موڙ ڏئي اڳتي وڌي ويئي، مولچند جي جڳهه جي طرف.

مون ڄڻ اُن پاڻا اي اڪيلو پاڻ، هيرن کي زوريءَ هڪ هنڌ ٻڌي رکيو. مون گهر اندر وڃڻ چاهيو پر دل نه مڃيو. مان منهنجي دل جي وڌندڙ ڌڙڪڻ ٻڌڻ لڳس پر نه اڳتي وڌيس، نه پٺتي موٽيس، ان ئي گهڙي وقت ائين ڄمي بيٺو رهيس.

اوچتو، منهنجي پيرن ۾ عجيب جنبش آئي، مونکي هوش ڏنهن آيو جڏهن مون پاڻ کي مولچند جي گهر اندر هريءَ جي اڳيان بيٺل ڏٺو. سڄو بدن پگهر ۾ شل ٿي ويو هو ۽ ڏڪي ئي رهيو هوس.

مونکي اڳتي ڪجهه سمجهه ۾ اچي ويو ته جهڪي ڪي ئي رهيو آهي، اهو ٺيڪ نه آهي.

هريءَ اندر اونده هئي، مونکي ڪي ڏسڻ ۾ نه آيو. اندران ڪيمونءَ جو سڏڪندڙ آواز آيو، ”اچي وڃين، دم ٽڙس ...“

منهنجو اندر وار ۽ عين موقعي تي سجاڳ ٿيو. مون مان آواز اٿيو: هيمون ”گناهه“ ۾ لوڪي پاڳي پانيوار ڪري رهيو آهين، منهنجي ٻيءَ جي ڪاوڙ کان اهو ڪم.

بابو ٻاڙي ۾ سڀني کان وڏيڪ رعبدار هو، مٿان هو مکي، سڀ هن کان ڪنو ڪاٽيندا هئا. ڀانءُ ته ڳوٺ ۾ هڪ هن کان ئي ڊڄندو هو.

مون وٺي ڊوڙ پاتي، گهر جي اوطاق ۾ اچي ورانڊي جي ڏٺ تي ويٺس. اهڙا پگهر ۾ شل هوس، سهڪي ۽ ڏڪي رهيو هوس.

ڪٿي ڪنهن ڏسي ته نه ورتو هوم؟ جي ڪنهن ڏٺو ۽ بابا سان ذڪر ڪيو ته؟ ڪٿي هيمون پڪڙيو هجي، ڪو مزور اچي ويو هجي ... !! مونکي بابي جو ڊپ وڪوڙي ويو، ذهن تي زور لڳايم ۽ طيءِ ڪيم، مونکي ڪنهن ڏٺو نه هوندو.

وري منهنجي من ۾ هڪ ويچار آيو، ڪيئن به سمنڊ کي چتائڻ کپي ته سرسوتي ساماڻي آهي. نه ته هيمونءَ جي بيکهي مچي ويندي، هو ڪڏهن نه ڪڏهن پڪڙجي سگهي ٿو ۽ هو مون تي به ڪلنڪ جو ٽڪو لڳائي سگهي ٿو، وري دل ڌڙڪڻ لڳي، ڊپ وچان وري خيال آيو، "سمنڊ کي ڪيئن ٻڌايان؟"

مون ڏاڏيءَ کي ٿي چيو، ان رات: "امان، سمنڊ کي چئو، جهار تيار آهي، جهرڪ نه ڪاٽي کائيس."

شاعري ٻولي ڳالهائي ويٺو هوس، الائي ڪيئن.

امان پڇيو، "ڪهڙي جهار، ڪهڙو جهرڪ؟" اوچتو ٻاڏي ٻڌ ۾ مچيل ڏاهي سمجهي ويئي. لڪي آواز ۾ چيائين، "لوکي ڪيئن سڌ پيئي؟"

مون دل ئي دل ۾ پڇتايو، ناحق ڳالهه ڪيم.

مون ٻڌائڻ لاءِ هيمونءَ واري ڳالهه ڪرڻ چاهي پر هيمونءَ کان وڌيڪ سرسوتيءَ جي بدناميءَ جو ويچار ٿيم، اهو به ڊپ ٿيم ته ڪٿي سمنڊ ۽ ٻوڙو سرسوتيءَ کي مار نه ڪڍن ۽ مونکي ڏوهه به سرسوتيءَ کان وڌيڪ هيمونءَ جو لڳو.

امان جي منهن جا گهنج وڌيڪ گهاٽا ٿيا ۽ هن وري پڇيو، "ٻڌاءِ، لوکي ڪيئن سڌ پيئي؟"

مون اختيار چيو، "مونکي هن جي هلڻ چلڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ مان ائين لڳندو آهي."

امان اکيون ڦوٽاري مون ڏانهن نهارڻ لڳي.

ٻاٻيءَ اچائي ورتو مونکي، هوءَ ورانڊي ۾ لمڊڙي هرداس

کي دال چانور کارائيندي ڏاڏيءَ ٻوڙي جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، هن ورائي ماڻس ڏي ڏٺو، ”هوءَ چڙيل ڇلوائي ڳڙوءَ سان ڳهاڻ مانڻ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندي رهندي آهي.“

ڳالهه مان ڳالهه ڙو نه ٿيو، مان اٿي ويس .

ڳڙوءَ ۾ هيمونءَ جهڙي ٻوم نه هئي. هن ۽ هيمونءَ ۾ اس هڪڙي ئي هڪجهڙائي هئي، ٻئي اسڪولي تعليم کان وانجهيل رهيا هئا؛ جتي هيمون هڪ ٻه سال اسڪول ۾ ويو هو لتي ڳڙوءَ اسڪول جو منهن ئي نه ڏٺو هو. هاڻ اِي ٻه هڪجهڙائي هئي هُن وٽ، ٻئي موڪي سوٽ ڪري سڏيندا هئا، ۽ مان ٻنهي سان الڳ الڳ هڪجهڙو نباهيندو هوس .

هيمونءَ جي جيون جو مقصد هو ڪنهن نائيءَ جهڙو اٿڻ ۽ ان ۾ هُو ڪامياب ئي رهيو هو، ننڍيءَ سان، عمر کي ڇڏي هُو وڃار ن خواه وهنوار ۾ ٻنهي ٽي هو. ٻنهي جي زبان ئي جملي جملي ۾ گار هئي. هاڻ هڪ فرق هو ٻنهي ۾، جتي ڳوٺ ڳوٺ ۾ صرف هڪ شخص ٻئي ٻاٻي جو لحاظ ڪندو هو لتي هيمون ٻاٻي کان ڊڄندو ۽ مون سان پيار ڪندو هو.

انهن ڏينهن ۾ نارو شاه ڇوڪري جو ڇوڪري سان ٻئي هر جنس جي هم جنس سان پيار ڪان مشهور هو يا بدنام هو. موڪي ان سلسلي ۾ معشوق خواه عاشق اٿڻ جا ٻه ٻه موقعا مليا، ۽ ان شغل جو، جيستائين موڪي ڄاڻ آهي، جسم سان ڪو واسطو نه هئو. هو رڳو ديدار بازي، الله واسطيءَ وارو قصو.

مون سان اهڙي قسم جو پيار ٻهراڻ ملي عثمان ڪيو. ڳوٺ کان ٻاهر ٻرو جيڏانهن وڃان ٻيڏانهن عثمان حاضر. ٻولڙ و زمين اي ٻشاري چوندو هو، ”ديوان، واه.“

ٻهراڻ نه مان ڏکي ڪتراڻي ٻڪي ويندو هوس، ٻره هن جي مدمت ڪرڻ ۽ خاطري ڏيارڻ لاءِ نه هُو موڪي ڇهندو ٻه ڪري،

مون کي گهڙيون هن سان ويهندو هوس، ۽ هو وٺو مونکي ٽڪيندو هو، نشيلي نگاهن سان.

ليلي ۽ ڪشمي جي عشق بابت ته ان ڏينهن ۾ ڪي ڄاڻا ٻڌم عثمان مان ئي.

اوچتو، پروڙيم ٻڌو باغائي ته مون مٿان عاشق ٿيو آهي. مان اڪثر رات جو، هميشه سان گڏ ويندو هوس هن جي باغ ۾ - جانوءَ جي الستري ٻڌڻ يا پوليءَ جي صوفي ڪلامن جو مزو ماڻڻ ۽ ٻڌو وٺو مونکي ٻماٽين اکين سان ڏسو ن ڏانهن نهاريندو هو، پاڻي گهرڻ تي ڪير جـي نٺي لسي يا شربت پياريندو هو، منهنجو لفظ هن لاءِ حڪم هوندو هو!

۽ ڪڏهن هتي، نئين جو معشوق، وڏي هوندي جو عاشق، مون ته، هڪ ٻئي ٻنهي ٻن سان عشق (!) ڪيو، ٻهراڻ آسو وچائي سان. هو منهنجو هم ڪلاسي هو ۽ اسڪول جي هاسٽل ۾ رهندو هو (هاڻ هو گوپال پوريءَ - ڪانڊيلام ۾ رهندو آهي) ۽ هن بعد پهرين مان ناروشاد ۾ آئـي مون کان هڪ سال گهٽ ڪلاس ۾ پڙهندڙ ليلي سان (هاڻي هو ٿاڻي ۾ رهندو آهي، شايد.) هو پاڻيا سنگهه جي گهر پرسان پنهنجي هڪ مائٽ وٽ رهندو هو. پنهي سان هتو ديدارٻازي، الله راضيءَ جو ناٽو پڻ سڪ ۽ چڪ ائي حساب ۽ وسڻ ٻرپڻا جو سلسلو ته جاري رهندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن عاشق معشوق وچ دخل انداز ٿيندو هو رقيب. آسوءَ جي پيار لاءِ ڏٺون ۽ مان رقيب هئاسين پر اسانجو هڪ ٻئي سان ته ايترو گهرو ناتو هو جو اسانجي وچ ڪو وڌيڪ نه ٿيو، ڪو حسد نه پيدا ٿيو. هان ليلي جي حالت ۾ گوبند جي وڏيري عارف شاه جو پاڻيو قسم علي منهنجو رقيب ٿيو، ليلو منهنجي وڌيڪ قريب رهيو. هڪ پيري رات جو پاڻيا سنگهه جي

موٽيءَ تان ليلي ۽ ٻين همراهن کان موڪلائي اڪيلو گهر اچي رهيو هوس جو ميمڻن جي پاڙي ۾ فتح علي جهڙي ڇوڪر سان مون مٿان اُڙ ڪري آيو ۽ اوچتو.

منهنجا اوسان خطا ٿي ويا. ڇوڪ مونکي لڳي ٿي لڳي انهن کان اڳ الائي ڪٿان هيمون اچي سر زمين تي وارد ٿيو. فتح عليءَ جو ڇوڪ ڪسي هن جي ٻنيءَ لسي وڌائڻ شروع ڪيائين، مان نه روڪيانس ها ته شايد فتح عليءَ کي جهٽڙو ٿي نه ڇڏي ها. فتح علي هيمونءَ جي همت ڏيري اُٿيو جو ٻهراڙون موقعو پاڻي اٿين پڳو جيئن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ.

مون هيمونءَ کي چيو، ”سيدائي پار ڪسي مارڻ ايندي، ڳوٺ ۾ بسگردائيءَ جا مسلمان جان ڪٽي ڇڏيندءِ.“

اوندهه ۾ هيمونءَ جا صرف ڏند ڏسڻ ۾ آيا. چيائين، ”سوٽ، تو لاءِ مان ڪاڻدي ڪلهدي جان ڏيئي سگهان ٿو.“

جتي اسانجو ڳوٺ عجيب قسم جي عشق ڪسان مشهور هو اتي اهو ايا ۾ وڏيڪ فرقيوار ساز سلوڪ ڪان مشهور هو ان لاءِ جس ڳوٺ ۾ بسگردائيءَ جي هندو مسلمان کي هو ٻر هدن کان وڏيڪ ان سازگار واپومندل جو ضامن هو ٿارو شاه جو وڏيرو سيد عارف شاهه.

فتح عليءَ جي واقعي جي ٻئي ڏينهن صبوح جو هن مونکي پنهنجي اوطاق تي گهرايو. فتح علي اڳ ئي پاڙو مٿان لٽڪائي ويٺو هو. عارف شاهه چيو، ”ڪهڙي ڳالهه هئي؟“

مون اڃا ٿڙڪ چيو، ”مان صحيح ٺڪو هئي سگهانٿو فتح عليءَ کي ليلي جي مون سان گهرائپ پسند ڪانهي.“

عارف شاهه ٺهڪ ڏئي چيو، ”پرديسي نيڪر ايڏو مانڌاڙ مچايو آهي، اسانجي ڳوٺ ۾؟“ پوءِ فتح عليءَ ڏانهن منهن ڪري گهيرا سان چيائين، ”اهو نيڪر ته اڄ هتي آهي، سڀاڻي

نه آهي، ڇوڪري ۽ گوبند کي ته هن ڳوٺ ۾ رهڻو آهي، عمر ٻار. ۽ ڪن ڪولي ٻڌي، فتح علي! مان ساڳــيءَ ڳالهيءَ ۾ ڪاڏي ڇڏيند ڪرڻ وارو نه آهيان ۽ مان نٿو چاهيان ته منهنجو ڪو عزيز ڳوٺ ۾ اداس جو ڪارڻ بڻجي.“ پوءِ ڪلي چيائين، ”ٻار و ڪمر ڪنڊ تي وڃي، ٻاڙو پاڪر ...“

فتح علي جڏهن شاهه اڳيان هن ـ جي مرضي رکي ٻاڪر ٿي نه پالو ٻر اڳتي غلط دوست بڻجي پيا سين.

ڪجهه وقت موڪي چوڻ رهي جوتا ڪرڻ جي، سا ٻه گهوڙيءَ سان ۽ ڳڙنگ جوتارن سان، جوتا جي ميدان ۾ اسانجي ڳوٺ ۾ ٻه مهاڀارت دهرائجي، پوءِ جيڻوءَ ٻه بدشڪر جيان سندر ٻنهيءَ جو داغ لڳايو ۽ هارايو. اسانجي ڳوٺ ۾ ڪرڻ ته ڪونه هو جو سنڌيءَ جو سڀ اڳائي، ساڙهي- هرڻ ڪان اڳائي، ڪنڌڙ جوتاري سومن ڳوٺ جو مڃيل غنڊو هو. هن جيڻوءَ کان ڳال جي ٻانهن گهري، شيام ۽ مون جيڻوءَ جي ڪنوار کي اڳايو ۽ ان جو عيوضو هٿئي اندر سومن کي ڏيارايو. جيڻوءَ جوتا ڇڏي، مون ٻه ڇڏي.

هڪ ڏينهن ٻزار جي منهن وٽ سومن منهنجو هٿ پڪڙي ان کي مروڙيو ۽ چيو، ”ڪاڪي جو لو لحاظ ڪريانءِ نه ته هوند ٻه چار لٺا وهائي ڪيانءِ، لو- جيڻوءَ ۽ منهنجي وچ ۾ دخل ڇو ڏنو؟“ مون ٻر ٻڌڻ هيل واري ڪار هئي.

ٻيڪ اوڏي مهل هيمون اچي ڏمڪيو، سومن جي ٻنيءَ ٿي مکن جـي ٻارش وسائي ڇڏيائين. سومن منهنجو هٿ ڇڏي ”الله“ ڪندو رهيو.

مون هيمونءَ کي روڪيو. هن اکيون مـان آگ وسائيندي چيو، ”سومن، ياد رکج ته وري جي منهنجي سڄڻ جو نالو ڳنڍو ايندي ته منهنجو لاش ڳجهن حوالي هوندو.“

هيمون منهنجو ئي نه ڳوٺ جي الاءِ ڪيترن هيٺين جو همراه ٿيو رهيو.

جتي هيمون انسان هو، ڇوڪرن خاصين جو ميل هو اتي گدو عزت دار آدمي ٿيڻ جو خواهشمند هو. هو پنهنجي وڏي ڀاءُ ڪولگوءَ جو ٻانهن ٻيلي، وچين ڀاءُ گيهيءَ جو گهٽگهرو ۽ ڏاڏي چاچيءَ جو پڌو ٻانهو هو. هو گيهيءَ جي پڙهائي جاري رکڻ لاءِ ۽ گهر جي مالي حالت سڌارڻ لاءِ ڪوڙ ايمانداريءَ جو ٿي رهيو ڪرڻ لاءِ هردم تيار هوندو هو، مارڪيٽ ۽ بازار ۾ هو ڪوڙ اوجو ڪٽڻ ۽ محنت مزوري ڪرڻ لاءِ هڪيو حاضر رهندو هو. هو بيڪار رهڻ کان بيڪار وهڻ وڌيڪ پسند ڪندو هو. هن کي گهر اوٺي ٻاڙي ۾ هر ڪنهن کي ڪنهن نه ڪم ۾ هٿ ونائڻ لاءِ اشاري ڪرڻ جي ڊيڙ هئي. ڳوٺ ٻر ۾ گدو ۽ شيوا ڳالهه مڙاوڻي هڪڙي سمجهي ويندي هئي. شاديءَ ئي گدو هجي يا نه هجي، غميءَ ۾ سڀ کان اڳ ڀيٽي ويندو هو، هر سر ئي ڪانئي لاهڻ ۽ لڪڙا پڏڻ هن جي ائي ائي رهندا هئا، ۽ ڪانئيندو شادي خواه غميءَ ۾ پنهنجي گهر ئي هو - ڏيهن جو ساڳ ۽ مانئي مٿان لسي ۽ رات جو دال چانور ۽ مٿان کير جو گلاس، سياري ۾ چانور ڏيهن جو ۽ ماني رات جو اس ڳهو ئي فرق رهندو هو.

گدوءَ جو وڏي ۾ وڏو شوق هو، راڳ سان. جتي هيمون پڙهوءَ جي ناءِ ۾ صرف منهنجي ڪري هلندو هو اتي گدو راڳ يا پڪچر پڏڻ لاءِ ٻڙان، ڊيري يا نوشهري لاءِ هليو ويندو هو. ۽ ٿي اڳا مان نه هن سان گڏ ويس- ٻڙان ۾ ڪنور جي پڪچر، ڊيري ۾ ستم جي پڪچر ۽ نوشهري مرڻ جي پڪچر پڏڻي گدوءَ لاءِ جمع ڪٽ هو "ايڪ پنٿ دو ڪاج" وارو حساب. هٿ هاج ۾ ۽ دل راڳ ۾.

آسانجو ڳوٺ سنڌ هند ۾ نارنگين کان مشهور هو.

جي واسطي ۾ هوندو هو، "نارنگيون ۽ ناروشاهه جون." ڳوٺ جي
چئني پاسين باغ هئا ۽ انهن باغ مان ٿي گهڻو جنهن ۾ نارنگيون
۽ ليمون ٿينديون هيون، مائي جا پيڙا ۽ وڙيون ٻاران جا مشهور هئا،
خاص ڪري ڪوڏڙي حلوائيءَ جا. هن جي سنگت واري مصري
۽ مشهور هئي، مگر اها ۾ مصري ساهتي پرڳڻي ۾ هن جي ئي هلندي
هئي. ٽيهه ورهيه - مهراڻ ريلوي لائين اوڙي ۽ ناروشاهه کان
ڪراچي لائين ريل جاري ٿيڻ ڪري پرڳڻا پيڙا ٿي ويا، ڪوڏڙو ۽
وڏي سارين سڪائي ٿيو. پوءِ ڪنهن وقت هن وٽ پيڙا پڪندو
هو، انهن لاءِ ناروشاهه ۾ شاهي ٻاڙ جي مدعي وٽ مٺائي
ساڳي چاچي ڏيهچند کان هڪ دڪان مسواڙ تي وٺي ڪري
ڪاڙهڻ، مانو ناهڻ ۽ ان مان پيڙا پڪڻ جو ڌنڌو شروع ڪيو،
هن جا پيڙا ڪراچيءَ لائين مشهور ٿي ويا. ڪنهن به پير ڪر ڪم
۽ ملندو هوس ۽ پوءِ وٽ وڏي پيڙا پڪندو هو ۽ چار پيسا
